# ع سنڌو ھنڌو ھيو

قبول ابڙو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ طرفان ۱۹۷۰ع جو بهترين
افسانوي ادب قرار ڏنل

# سنڌو
# وهندو
# رهيو

[ڪهاڻيون]

## قبول ابڙو

ڪلاڪار پبليڪيشن لاڙڪاڻو

قيمت ـــ ۱۲ رپيه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○ سڀ حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

○ ڇاپو پهريون ــــــ جولاءِ ١٩٧٤ع تعداد ٻه هزار

○ ڇاپو ٻيو ــــــ جولاءِ ١٩٨٦ع تعداد هڪ هزار

○ هي ڪتاب سليم ڪورائي علمي پرنٽرس ڪراچي مان ڇپرائي ڪلاڪار پبليڪيشن لاڙڪاڻي مان پڌرو ڪيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ ١٩٧٤ع ۾
ٻن ڪهاڻين جي مجموعن "۽ سنڌو
وهندو رهيو" ۽ "دونهاتيل زندگي"
(سليم ڪورائي) کي سال جو بهترين
افسانوي ادب قرار ڏنو ۽ مقرر انعام
کي ٻن برابر حصن ۾ ورهايو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سوچن

منهنجي مرضي

پيار جا ناتا

ڪنوار جو موڙو

اونداهيءَ جا زخم

پيار ۽ زهر

گهايل من منهنجو

زن مريد

فنڪار

... ۽ سنڌو وهندو رهيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# منهنجي مرضي

جڏهن نيون ڏنهو قبول اهڙو، ’شڪر آ مڙس ته مليو‘ لاءِ حميد سنڌيءَ کان موني آيو ته چيومانس: قبول! تون ڪتاب لاءِ پيش لفظ مونکان لکراءِ.“ اهو هڏي قبول مونڊانهن تيز نظر سان ڏٺو. آن وقت سندس نظرن جي تپش مون پنهنجي روح تائين محسوس ڪئي هئي. منهنجي انهيءَ پيشڪش تي قبول کي ڪوڙ اچي وئي هئي. گهٽ ۾ گهٽ مون ته ائين سمجهيو هيو. هونئن به اهڙيون ملڪيون ڳالهيون هر انسان سمجهي ويندو آهي. ۽ جيڪو ايتريون ملڪيون ڳالهيون به نه سمجهندو آ، اهو انسان نه هوندو آ.

قبول جي پهرين ملاقات مونسان انهي مهل ٿي هئي، جڏهن هو منهنجي هڪ دوست سان ٿي- وي- ڏسن لاءِ

ڪامن هال ڏانهن اهي رهيو هو. مان ان وقت ڪامن هال مان نڪري رهيو هوس. مون ان وقت پنهنجي دوست کي به ڪونه ڏٺو هو. مونکي هنن جي موجودگيءَ جو پتو تڏهن پيو، جڏهن دوست چيو:

”سليم! ڪيڏانهن پيو وڃين؟“

”ماني کائڻ پيو وڃان.“ اڻين هني اتان وڃڻ لڳس ته هن چيو: ”هن فنڪار سان مليو آهين؟“

نورو بيهي ڏٺم - پوري هني قد ۽ پربل بت جو ڇڙواڪ ڇوڪرو بيٺو هو. مونکي هو پهرين ئي نظر ۾ چڱو لڳو.

”قبول اهڙو اٿئي، تنو سڃاڻيس!؟“ مون وري کيس ڏٺو. ’هي اپٽريون ڇڱيون ڪهاڻيون ڪيئن ٿو لکي‘ انهيءَ مهل منهنجي دل چيو هو.

انهيءَ ڳالهه کي ڇڱو وقت ٿي چڪو آهي. انهيءَ ڳالهه کي وسارڻ کپندو هو. پر الائي ڇو، آءٌ انهيءَ ڳالهه کي نه وساري سگهيو آهيان — ۽ اڄ هن اوچتو مونکي چيو ته آءٌ سندس مجموعي تي پيش لفظ لکان. ڏاڍو حيران ٿيم ۽ کيس اهڙين نظرن سان ڏٺم - ڄڻ هو پنهنجي جنس بدلائي رهيو آهي.

خير يارن سان حساب ناهن ڪرڻا. جڏهن ته هو به مونسان حساب نه ڪندو آهي. قسم پرائي پڇوس. ڏاڍو پيارو آهي مونکي. پر جڏهن نه توهان جو انهيءَ معاملي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سان ڪوبه تعلق ڪونهي، تنهنڪري توهان انهيءَ راز کي پنهنجي ذهن مان ڪڍي ڇڏيو.

قبول ڏاڍو خطرناڪ ماڻهو آهي. جيتوڻيڪ ڏسڻ ۾ ماڻهن کي شريف ۽ سادو لڳندو آهي. مونکي هن سان شهر گهمندي ڪجهه خوف معلوم ٿيندو آهي.

ڪجهه مهينا اڳ جڏهن سندس ڪتاب ”شڪر آمڙس ته مليو“ مارڪيٽ ۾ آيو ته هن مونکي شهر هلڻ لاءِ زور پريو. لنوائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪيم. پر لنوائي نه سگهيم. هن کي گهر لاءِ ڪجهه شيون خريد ڪرڻيون هيون. مونکي زبردستي شهر وٺي هليو. بس ڪوهنور سئنيما جي سامهون بيٺي. تڪڙا تڪڙا هيٺ لٿاسين ۽ ريشم گلي ڏانهن رخ رکيوسين.

اسان اڃان ڪوهنور سئنيما کي ڇڏي هڪ هوٽل جي سامهون لنگهڻ لڳاسين ته اوچتو قبول بيهي رهيو. حيران ۽ پريشان ٿي ڪيس ڏسڻ لڳم. هو مونکي ڏسي اسٽائيل سان ڪنڌ لوڏڻ لڳو.

سامهون هوٽل ۾ مڪيش جو رڪارڊ هلي رهيو هيو. قبول جي اها عادت آهي ته پنهنجي پسند جو رڪارڊ رستي تي بيهي ٻڌندو آهي. مونکي سندس انهيءَ عادت تي ڏاڍي بڇان لڳندي آهي. توهان پاڻ ٿي سوچيو. اها به ڪا چڱي عادت آ، جو خالي پيلي ڪنهن شريف ماڻهوءَ کي بور ڪيو وڃي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻانهن کي ڇڪيندي چيومانس، ”پر بور نہ ڪر، مونکي اچي گهٽ پڌجانءِ“. پر هن تي ڪوبہ اثر نہ ٿيو. هو ساڳي ئي نموني رکي رکي ڪنڌ لوڏيندو رهيو.

”پر ڪمال آ- جي بور ڪرڻو هيئي تہ وٺي ڇو آئين؟“ ڪڪ ٿيندي چيومانس. ”سليم! ڪيڏو نہ ڊيسينٽ (Decent) گهٽ آ، ٿورو سوچي تہ ڏس.“ هن مرڪندي چيو.

هوءَ مان ڪجهہ سوچي، سندس نظرن جو پيڇو پنهنجين نظرن سان ڪيم.

مونکي هوٽل جي ٻئي ڪنڊ ۾ ڪنهن جو هڪ ڪاريگر ڏسڻ ۾ آيو. ڪاريگر جي سامهون وڏي تختي تي نوان نوان، رنگ برنگي ڪاف پيل هئا. الهي مهل ڪاريگر پنهنجي ڪم ۾ مگن هو. شايد پرسان بيٺل ڇوڪريءَ جو ڌيان ڪم ڪري رهيو هيو. نوجوان ڇوڪري تمام حسين هئي. سندس هٿ ۾ سنڌي ڪتاب ”شڪر آ مڙس نہ مليو“ هو. هوءَ هر هر ڪتاب جي ٽائيٽل تي هٿ ڦيرائي رهي هئي — پوءِ مون سمجهيو، قبول پري ڪن ئي ذهني سڪون وٺي رهيو آهي. قبول انهيءَ مهل ڪنهن ڪهاڻيءَ جو ڪردار پئي معلوم ٿيو.

قبول سنڌ جو مشهور ڪهاڻيڪار آهي. سندس ڪهاڻيون هر طبقي جي ماڻهن وٽ پڙهيون ۽ پسند ڪيون وڃن ٿيون. اهڙو نصيب ڪنهن ڪنهن ڪهاڻيڪار جو هوندو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

منهنجي خيال ۾ قبول سٺو ٿو لکي، پر تمام سٺو نه. شايد ان ڪري جو هو تمام تيز ٿو لکي. اهڙي تيز رفتاريءَ سان سنڌ جي ڪنهن به ڪهاڻيڪار ڪونه لکيو آهي.

قبول اردو جي مشهور افسانه نگار منٽو کان حد وڌيڪ متاثر ٿيل آهي.

قبول کي اڄ سنڌي ادب جو منٽو سڏيان ها، جيڪڏهن سندس فن ۾ حقيقت نگاري زهر جي حد تائين پهتل هجي ها.

قبول ڪهاڻي جي رمز کان واقف آهي. هو پنهنجن چست ڊائلاگن ۾ پڙهندڙن جي ذهن کي ڦاسائڻ ڄاڻي ٿو- پر هو ڪهاڻيءَ ۾ مقصديت تي گهٽ ۽ فسانويت تي گهڻو ڌيان ڏيندو آهي، تنهنڪري پڙهندڙ سندس ڪهاڻين مان صرف تفريح حاصل ڪندا آهن.

منهنجي خيال ۾ قبول کي ايترو تيز نه لکڻ گهرجي نه ته هو جلد پنهنجي فن کي ڪمزوريءَ جي حد تائين پهچائي ڇڏيندو.

سليم ڪوراڻي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ٻيا رچا ناتا

شاهده ۽ شهناز ڀاڻ ۽ ڀينر هيون. هڪ ئي شهر ۾ هڪ ئي پاڙي، گهر گهر سان ٻنهي جي شادي ٿي. شاهده جي مڙس کي الائي ڇا ٿي ويو، جو شاديءَ ڪانپوءِ جڻ زبان ئي ڪپائي ڇڏي هئائين. نه نه شاديءَ کان اڳ ۾ ڪير هن سان ٽڪرو ڳالهائي. هر ڪنهن کي تعجب ۽ وات ۾ آڱريون. زالن ۾ ته هن جي ڏاڍي تعريف ۽ شاهده تي ريس، ته واهه جو مڙس مليو اٿس. ڄڻ ته مڙس شاهده آهي ۽ هوءَ هن جي زال. گهر ۾ ايندو ته حرام ڪا ٻڙڪ ڪڍي.

ويچاري شهناز ته ٻندرهين ويهين ڏينهن ضرور مار کائي. جيتوڻيڪ رات ڏينهن زال مڙس در بند ڪيو

"ماڻي ٿي ڳالهائي سگهيو ٿي." ڇگهي مار ڏنائين. مان به هڙڪ نه ڪجي. هن جو من وڏي ويو. هو ٻيرا مارڻائين. مون سوچيو، جيڪڏهن انهن ٿي قربانيءَ جو ٻڪرو ٿيو ته هرو ڀرو ٻئي مار کائيندس، ڇو ته منهنجا لاهه ڏي ٻئي ڇڏيندو؟

"هوءَ دل ۾ پڪو ارادو ڪيو ته جيڪڏهن ماڻي بيگناهه مارڻائين ته مان به ڇگهيءَ طرح ڏسندس. هوءَ ڪٿي ڪاڻي ـ ماري ڦٽي ڇونه وڃي. ايڻن ٿي هڪ ڏينهن پوڙ رکندي، ڏهي جو ڇنڊو لٽن تي پئجي ويس. ٻڌاءِ اها به ڪا غلطي هئي؟ ايڻن قضا مان ڏئي ٻيو ويندو آهي. ڳار ڏئي ڪٿي آلر ڪيائين. ماڪي به آئي ڪاوڙ. ڪٿي پليت ٿي هنئين مانس مغز ۾. هوءَ اچي ورتائين. مان به اهڙا رانبوڙا ڀانائيندس، جو منهن ٿي ڇُجي ويس. اهو ڏينهن، اج جو ڏينهن، وري نه ٽالو ڪنيو اٿائين ماڻي ته ڪيتري ڀيرو ڦٽ لعنت ڪيانس ته به ويچارو چپ.

"جاڻي ٿي ڇئي. جنهن مان ڏنو ڪُڇُ، سو وڃي اُگهلندو. اچي ته مان به ڇگيون ٽوريون ٿي ٻڌايانس" هن دل ۾ سوچيو.

"تون جيئن ته ڪمندينءَ، تيئن پنهنجا ڇنڊا ڀڃائيندين."
هن جي پٺ ويندي ويندي اهو تير ڇوڙيو.
"ماڻي ڪٿي آهه" هن جي مڙس ايندي شرط چيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻوءِ ماني کٽي آئي ۽ ڏني ڪري اِيءَ ڪمري تي
ويھي رهي.

"پلا، ونڊو ڏي صاحب، سائين جا ته هٿ نه وندا، جو ڪٽي هڻن. ڏسين نٿي ته ٻکر ٿو رڙهي."

ٻوءِ اٿي ۽ ونڊو ڪٽي هڻڻ لڳي. هن جي مڙس ونڊو کسڻ ٿي چاهيو، ۽ ٻوءِ ٻري ٻوٽ ڪري، جيب ڀڪوڙي هڻندي رهي.

"بس پلا، ٻکر سُڪي ويو."

هن جي مڙس چيو. "هاڻي اڳتون ويھ."

"ڇو؟" هن رڪائي مان چيو.

"ٻُڍي ڇري، ڇپين ٿي ته ڇو. ھرين اسان جو ٻيٺي ٻيٺي نڪجي ھيو ھوندو، ٻکر به نڪتو ھوندس. ھاڻي حيڏئون ويھي ته مان ونڊو ھٽائين نه."

"ٺڪيٺي ٻڪاڙي،" هن ٻري ٻوٽ ڪري ڇپن ۾ ڪلندي چيو.

"ڪاٺي ڪن ماري رکيو ٿي." ائين چئي هن ڪي ٻانهن ڪان وٺي ويھاري ٻاڪر ۾ ڪريا، هن جي ڳٽن تي پنهنجا چپ رکيائين. هن ڪان به رهيو نه ٿيو ۽ اُهيءَ ٻيار تي خوش ٿي ڪلي ويئي.

"اڇي ڪاڻ، توڪانسواءِ لنگهي ٿو ڳرھ نڙيءَ مان،" هن کي مڙس چيو، "۽ در به ٻيڪڙي آ."

"ڇو؟ ماني کائيندين يا...."

۽ ٻئي ڪلي ھڪٻئي جي وجود ۾ گم ٿي ويا.

ٻڌائيندس نه ڪا ننڍڙي ٻاڪار نڪتي آئي نه ڪونهان،
جو ڪٿي ورتو ني ڪنهن. هاڻي جي ڪنهن به ڳالهه
تي سڀنيو، تہ پوءِ بس ماڪي به وجهه ملي ويندو.
ڇوڙو ڪو لفظ چئي پوءِ ڏس تماشو'

مجي رات هن جي ذهن ۾ شاهده جي هڪ هڪ
ڳالهه تي ٿري، صبح ٿيو ته هن جو مڙس ڪجهه دير
سان اٿيو ۽ تڙ تڪڙ ۾ ماني کائي سنبرڻ لڳو.

"مُنو، جلدي لٽا ڪڍي وٺ پلان" هن جي مڙس
چيو. "ڇا جوان توکي مڃڙي، ڏس لٽن ۾ اگٽ ڪونه
وڌو ٿي نه."

"ها جي ولو سائين" هن ڪپڙا ڏيندي پياري انداز
۾ چيو.

"نڪاءُ جو ٽنبو هٿان نه ٽٽو ٿري ويٺي" هن
جي مڙس قميص پائيندي ڪالر ۾ ٽيپي چيو. "هڪ
دير، پيو خانصاحب بٽڻ نه هنيا آهن. توکي ڪو پنهنجو
خيال نه هوندو آ، اٻڻ وائيسر ٿري ويا اٿئي."

"الا ماڪي خيال نه رهيو" هن ڪلندي چيو ۽
ڍڪندي سٽي سگهو ڪٿي آئي. "ڏي ته سنٽ ۾ ٿي
هٽي وڃان."

"جيڪر ٽنٽو ڳاڙهو ڪري ڇڏ بابا" هنجو مڙس
اڃا ڪاوڙ ۾ ٿوڪيل هو. "ٺڪ سان پروکي دال
ڪڍي ڇڏ بابا."

"غلطي ٿي وئي جانب معاف ڪر."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”جانيءَ کي هن ڪڏ ۾، جلدي ٻئي هٽي وٺ.“
”هجي ها شاهده ته هانءِ ڏينهن جا تارا ڏيکاريم
ها.“ هن ٻئي هٿندي سوچيو ۽ ٻئي هٽي ٽرس کي پاڪ
پائيندي چيو، ”ايئن ئي تو ڪاوڙجي وڃين.“

”اڄ وري ڇو ايئن پيلو پوٽ ڪري ويٺي آهين؟“
هن جي پيڻ ايندي شرط چيو، ”ڪيڏو نه سمجهايانءِ
ته اهي مٺا ڪو ايئن سڪڻ جا آهن. ايئن ته پڻ
ڪٽبينءَ عمر ساري. گهڻا ڏينهن ٿيا هوندا. مس ويهه
ڏينهن به ڪونه گذريا هوندا.“
هوءَ فقط روئيندي رهي.
”تو به گهڻو ئي خيال ڪيو اٿئي. هاٺي ڏينس هو
گهر پنهنجو، ڇڙي مار ڪانڻ لاءِ ته ڪونه شادي ٿي
هئي تنهنجي. اجايو ئي مڪٿو ڪرين. هو باٺي ڪرينس
وڃي ويهه امان وٽ. اهي تنهنجو نڪر ڪو
لهندا ڇا؟“
”اڄ جي خبر نه ورتي مانس ته منهنجو نالو به
ڪنهن ڪتيءَ تي رکجانءِ.“ هن ڏڪو پريندي چيو
آخر چپ ڪري ڪري هن جي دل اڄ ڦاٽي هئي
”اهي ته مان به تازي ئي ڪيانس، ڇو نڏ ڪي هئي
مان ئي، جو ڪٽي هيڙي دوزخ ۾ وڌائون. ڇو موسان
ته ڪو ساڙ هين.“
”مائٽن دوزخ ۾ ڇو وڌءِ؟ تنهنجو ئي سچ لٽل آ“
هن جي پيڻ چيو. ”امان به زالون آهيون، اسانکي به ته

ڪڇيائين، ڪٿي ٻاجهي پاڻ ڇڏائڻ لڳو. ماڻ به ڊِنگ
ٻُٽي ڪٽ تي سمهي پيس. ٻاجهي ساڻي ڪري اول
مونڊي ڪٿي آيو.

”اچي ڪاڪ“، هن چيو. پر ماڻ اها ڦڙڪي ويئي
هيس. ’ماڪي ڪهڙي خبر ته تون مڇو ڏينهن لڳا پئي
ڏوتا، اچي وٺ بک لڳي هوندءِ.“

پوءِ ڪلي چوڻ لڳي، ”ٻڌاءِ ڪري سگهندينءَ ائين؟
آهن تنهنجا اهڙا نصيب. مڙس مليو آ مڪڻ.“

شهناز نبيءَ ۽ پنهي وٺي. ’اماڻ بدنصيبن جا اهڙا
ڀاڳ ڪٿي! مونٽي ته اري، پر هتي لفظ ڪيڻ جي
۽ پيٽي ڪانهي. اج ماڻ به صفائي ڪندس، پا هيڏي
پا هوڏي، چني ته اکيو پوءِ جاند چمندي، نه نه موچڙن
جا ڪوڙ ته آهيون ئي سهي.“

اپتري ۽ شهناز جو مڙس اچي ويو، اندر وڃي
ڪوٺيءَ ماڻ ٻاڙءَ لاءِ واڪو ڪيائين، پر هن ڳالهائڻ
۽ نه ٻڌو. آخر نڪري ٻاهر چيائينس.

”ڇگو ادي، ماڻ هلان ئي،“ هن جي پيڻ ائندي
چيو. ”پر مڙسي ڪندي ڪر.“

جڏهن شهناز پاڻي ڪٿي آئي ته هر ڪاوڙ ۽ ڪاڙهو
لڳو پيو هو.

”ٻڌلدي نه آهين؟“ هن جي مڙس چيو ۽ ڪني
تي چماٽ جو ڦهڪو ٿيو. جيستائين هوءَ ڪجهه سوچي،
ٽڻن ۽ لتن هن جا پاسا ڇاڙهي ڇڏيا. هوءَ ڪٽ تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪري ڇڏي. فقط ايترو چيائين، "ڀلا تون منهنجي ڪئي ڀلي ڀائيندڙ ڇو ڀڳي آ."

هو ٻار ڏئي خار ۾ ٻاهر نڪتو هليو ويو. هن جي ڀيڻ ڏٺا ڀڳا ته خوشيءَ مان گهران ڀڄندي آئي. هن ڪسي ڪٽ تان مٿي ڪڍندي چيائين، "ٻار ڪاڏهن، باقي ڪيتي هو به ڏيڻي هٿ ڪٽندو. ڏي خبر، ڪاٿي ڪاٿي نو ڌڪ هنيس."

"ماڻ ٿي ڌڪ هڻي سگهانس." شهناز روئيندي چيو.

"هي ڏس هٿيءَ تي...." شاهده هٿ ڏنس ته چنبن جون آڱريون ڇپيون پيون هيس.

"تون به صفا ڀوڳهلي آهين. مان ٿي چوان ته توکان ڪجهه نه ٿيندو."

"ڀلا مان ڇا ڪريان؛ ڪاڏي وڃان؟" هن ڏڪندو ٻرندي چيو. "اڄي ته مان اصل نه ڳالهائيندي مانس؛ ڪٿي مري چونه وڃي."

"توکان اهو به نه ٿيندو،"

"ڏسجانءِ ني،" هن مضبوط ارادي سان چيو.

"ته پوءِ رات سمجهانءِ به ڌار،" پيٽس زور وڌائيندي چيو، "لس ته پوءِ ڪيئن نه ٿو ايلاز ڪري."

رات جا ڏهه ٿيا، پر هو اڃان ڪونه آيو. شهناز دل ۾ سوچيو: ته الائي ڇو نه، اڃان ظاهر ٿيو آهي. جيڪو سڄو ڏينهن ٻٽو ٿيو پيو هوندو آهي مون وٽ، توڙي وڙهيل ڇو نه هجي. سو اڄ هن مهل تائين غائب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي. منهنجي انهيءَ چوڻ تي ته خار نه لڳس. ماري ته
ماري، ڳالهائي نه ڳالهائي ۽ هجي ته سهي.

رات جا ٻارنهن ٿيا ته هو گهر آيو. هوءَ اٿي ۽
ماني کڻي اڳيان رکيائينس. هن مانيءَ کي ڀري ڪندي
چيو، "ڪڻ تون ٿي ڪاهه شهزادي. اڄ وري ڳالهائڻ
۾ سگهي ورتئه. ٻڌ وارا ٻرڪار تي هڏرا ڪرين ڇا؟"

هوءَ ڏار ته نه سٽي، پر سندس وراڻي ٻڌي ٻاسي تي
سهي ٿي.

'اڄ ڇا ٻه ٿي ٿي، مان ٿي ڳالهايانس. ڄڻ ڪا
عيوض ۾ آئي آهيان.'

ننڊ مان جاڳ ٿيس ته اڌ رات ٿي چڪي هئي.
ڪنڌ ورائي مڙس کي ڏٺائين. هو ڪنڌ ڦيريون ٻئي
پاسي ستو پيو هو. ۽ اوندهه ۾ هن ڏٺو ته هو ٻه جاڳي
پيو. هن کي پاڻ تي خار اچڻ لڳا. 'الا، هو ته جاڳي
ٿو، باقي هن کي ڇو ننڊ ورتو." پاسو ڦيري ننڊ جي
بهاني مڙس تي ٻانهن رکيائين. هونئن نه ته ائين ڪرڻ
مان مڙسهنس ڦري ڀاڪر پائيندو هوس. اڄ هوءَ ٻڪاڻي
ڪندي هئي ۽ هو زور مان ڀڃي ۾ جهڪ پائيندو
هوس ۽ هن جي دل جا سڀئي سور وسري ويندا هئا.

۽ هوءَ پيٽ هن مڙس کي کڻي ڀاڪر پاتو.

"ڇو ڀاڪر پاتو ٿي؟" هن جي مڙس بي رخيءَ ۾
چيو. "ڪجهه ٻانهن، ٿو گهرجي. ٻڌ ڪان اڄان وڌيڪ
سگهي آهه."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”مار به اسان ڪانئون، ڪاوڙ ٻه اسان ني.“ هن
روئندي چيو ۽ گهوڙها هن جي ڳچن تان نيندا، مڙس
جي وات تي پيا. تڏهن مڙس به ٻڪائي ڇڏي.

”نه روءُ مٺڙي، اجايو ڪاوڙ ڏياريندي آهين نه.
ڪيترو سمجهايو اٿمانءِ ته ڪنهن ڳالهه ۾ نٿانهندي نه
ڪر، پيٽين خاڙو خراب ڪندءِ.“

”ايمان سان مان ڪونه ڀڏو هو.“

”چگو بس پلا. هيڏي ڪر منهن مٺي، تہ تنهنجا
گهوڙها پيان. ڪيڏي نه پياري آهين، بس ڪر نه،
سونکي به روئاريندينءَ ڇا؟“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ڪنوار جو موڙو

”ڇا ته ٻاڙو ڳلو ڪيو ٿئين.“

”وري ڇا ٿيو.“

”اڃا ٻڌي ٿو مهاڀارو. ڏس ته اڄ اڌ رات ٿي آهي، جيئن سوير لاءِ ڇنڊجي، تيئن ڏير ڪري.“

”ماڻ ته ٻهرين ٿي ٿي ڇيو ته نه وڃان. ريٽي هونئي شهزادي ڏکو منهن ڪيو.“

”ٻاڻ ڪي ٻاڪي هٿ ٺڳو ڪرين. اٿي ڪر ٻنهجو عقل.“

”عقل هجي ها ته تنهجو نڪو منهن اچي ڇو ڏسان ها. ٿيو نه ڏيان ها ان ڪني ٽلاءِ ۾.“

”اماڻڪي ته اهي ٽال نه ابتدا آهن، اها هڪ ٻڪ شاٻس جو ونندي الاٽي ڪيئن ٿي.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”مان ته پڪ ڪندو آهيان، باقي تون ته قرآن
ٿي پڙهين، ائين نه.“

”چڱو ماٺي ڇڏ جان. ڪاٿي وٺ ماٺي. ننڊ ٿي اچي.“

”توکي جهڙي ڪير ٿو. تون وڃي ننڊ ڪر. هاڻي
اچي بيٺا سي. هاڻي مون ڪانسواءِ ماني به وٺي ٿي ته
ننڊ به اچي ٿي. اڳي الائي ڇو ماکون سواءِ ننڊ نه
ايندي هئي.“

”سچ به. پاڻ ته ڏاڍا قرب ڪيا ني. اڳي ڇو نه
توڪانسواءِ ماني نه کائيندي هيس. هاڻي تون جلدي وٺين
ڇڪر ڏيندو ۽ گهوميون ڪندو ته پوءِ مان ڇو هتي
ويهي ڏونهين تي ڪتيءَ وانگر سڪان.“

”ها سائين ها. هاڻي اچي بيٺي دل.“

”ها ها، ڏٺي آهي تنهنجي دل به. باقي اچي رلي
به منهنجي دل آ.“

”ها سائين. تنهنجي لاءِ مرون جو ٿا، پوءِ ڪيئن
نه نخرا ڪندين؟. هر سهڻا آهن دل جي ڪري.“

”جاني سچ ٿو چئين. توکي ته مون ڪانسواءِ آرام
ٿي نه ايندو اهي.“

”ڪاوڙجي نه ڪر. توڪانسواءِ ڀلا منهنجو ڪير آ پيو.
وري رب ٿو ڄاڻي تون جان ڪان به پياري آهين.“

”اهي ٺٺد نه ڪر. تنهنجي ٺٺدن جي اڄ سڄي
خبر پئجي وئي.“

”چڱو ڀلا ڇڪ ٻند ڪيي. هوائن به جنهن سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

”ڍيٺي ڪبي آهي سو مٺي وڏهي ويندو آهي.“

”الله کي ڇيج ڳهٽي نه ڪڍو ڪر. توکان ٻس ٻڌي آ. سنڀاليشه ٻئي اڄ مانڊياٺيءَ.“

”وري ڪهڙو خواب ڏٺءِ.“

”ڇو وڃينس نه آئي ٿي. جڏهن ته ويچاري کي ڪا خبر ئي ڪانهي.“

”آخر آهي ڇا. پيروليين جي ڳالهيون نه ڪندي ڪر.“

”پيروليون ڇا جون آهن. سڌي ٿي. وڃينس نه ويچاري ڪاڏنهن ته پنڌ ڪري آئي ٿي.“

”آخر آهي ڇا؟ مان ته ميجاٽاس به ڪونه.“

”باقي ڪهر مان ٿڪي وئي هيم.“

”توکي وري اڄ ڪنهن پڙڪايو. تون شبنم جي ته ڳالهه نٿي ڪرين.“

”ماڪي ڪير پڙڪ ٺيندو. تنهنجي ڳالهه ته پڌري ٿي پئي ني، ته مون ڪانسواءِ نون مري ويندين.“

”خدا جو قسم اها ته ننڍي هوندي جي ڳالهه آ. سو به پئي مان ويو هيم.“

”پوءِ آهين ته ننڍي کان ئي اهڙو ني.“

”ٻلا توکي قسم تي اعتبار ڪونهي. تون به ائيئن ئي سمجهين.“

”ڪيئن ٻ. ڪٿي. پر زائفان ڇا چولديون ٿي.“

”ڇا ڀونديون آهن.“

”ته اهو اصل کان شَودو آهي. ونن جي ڪڍ

ڪھمندو ھو."

"ڏوڙ وڃهه رنن کي. رب تو جاڻي تون پياري
ھڪ پاسي، ٻي سڄي دنيا ٻئي پاسي."

"نہ نہ، انين صفا تون ۽ نہ چوُ. شودو ناھين نہ
پيو چا. ماکي ڪيئن اکيون ڦوڙاري ڏسندو ھئين."

"تون تہ پنهنجو مال ھئينءَ نہ."

"ھگو پلا اچي وٺ ڪير."

"اڄ وري ڏکو ڪير چو؟"

"ڪنڌ وسري وئي."

"پنهنجي ۽ تہ ڪونہ وسري وئي ھوندءِ."

"انڌا ڏکي ڪير سان تہ ھڻون طاقت ٿيندءِ."

"۽ تون ٿي طاقت ڪرڻ ڏين. الائي ڇو ھاڻي
ٿي ٿئين ڏينهن اھو ڪروڌ شروع ڪيو ٿئي."

"توکي پٽ پارانو ٿي ڪائي ويو آھي. کهٽ ٽپايو
ٿي. اھڙن طاقت ٿيندءِ."

"مان ٽپايو ٿي ماڻهء پيا تو ڪٽي نڪ ۾ دم
ڪيو آھي."

"چو الائي، مان نڪ ۾ دم ڪيو اٿي ماڻءِ. تون
آھين سيٺي جون ھونيون ڪاڻن وارو."

"جلدھن الله ماٺهين جون ھونيون ڪارائي."

"اڙي اڙي. ڏند نہ ٿو ڇيڪي. واڇان ڏي وڃي
ڪنن سان ٿيون لڳنس."

"واه، جٽ واه."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”ماڻ ته جهٽ آهيان ڪٿي. پر اول پنهنجا ڏند ته قابو ڪر. ٻاهر ٿا نڪتا اچني.“

”ٻولي پنهنجا ڏنا اٿي.“

”منهنجي ڪسي ڇا ٿيو آ، تون پنهنجو خيال ڪر. وڃي ڪيڏائي آهه. اٿسي نه اهو ڊاڪٽر دوست، باقي پوءِ ڪهڙي ڪم ايندءِ.“

”ڏند ته خير ڪنجي سگهندا. تون ان ڪلڏي وات جي ته ڳڻ ڪر. وات ٿي يا ڪو ڏڌ جو ماٺو.“

”اٿي پنهنجو ته ڏس. سڄو ڪانءُ هليو وڃي.“

”اڄ ته ڏاڍي ڪجهي پئي آهين. تو ڏي ڏوهه ناهي مائين. ماٺهين دلجاءِ ڏني هوندءِ.“

”ڇا جي دلجاءِ ڏيندي!“

”اها ٿي ته منهنجي تسي ماري ڏيالءِ ۽ پڇي وري ڪهڙي.“

”ٿا ڪا مار پوندءِ.“

”پلا ماٺهين ٻوتو نه ڪيو آهي؟“

”الاءِ تسو ۽ ڪهڙا لڪ لڏا اٿئون جو توتي ٻوٽا ٿا ڪن.“

”ان ڪان وڏيڪ پيو ڪو لک، جو تون واندي ٿي پواڌينءَ ۽ جو وري پئي هندان کي ڏوڪڙ ڪمائيندي يون.“

”شرم ڪي نو پرجائين. تو به پڇي ٿي هزار ڏنا هين نه.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”اهو ٿي ته وڏو ساڙ اٿن نہ مڙ، تہ مرغو ا۔
ماريو سي.“
”هوئن ته تو وٽ اصل هزار ٿا ولن.“
”نہ نہ، ڪارائيندا بہ پڻهين ماڻهين جن آهن.“
”ائين نہ چوءِ. اهي تہ ڇڻ ڏيندا ئي ڪونہ آهن. تنهنجي آسري تي ڪير رهي. تون تہ ماڻهن کي بک ماري ڇڏين.“
” الله نہ انهن جو حرام ڪارائيندو.“
”اجايو وات نہ هڏاءِ.“
”تون اجايو وات ڇو پڻين. مان وڃهندو مان ءِ ڪمڙو.“
”هڏاءِ نہ. تون ڏيندو ڇا آهين. مان آهيان جو ڇپ ڪيو ويٺي آهيان. گهڻا ٻارن کي لٺا وڏي ڏنا ٿي. گهٽو ماکي ڏنو ٿي.“
”شرم اچني ٿو. ڳالهائين ڪيئن ٿي.“
”شرم توکي اچي يا ماکي. ڪاٿ لاءِ تہ سيکيو ايندو آهين. ڪنهن ڪلهن وٺي ڏئي ٿي. هميشه اوڏنهن ڪٽي اچان، ڇانور اهي ڏين. ڪيءَ جو بہ ڇڻ انهن ٺي ليڪو ڪنيو آهي، الائي ڪيئن تسو ڪنڪلي مان ڀاند انڪيو.“
”بلي بلي! هنن وٽان نانڪ بہ نيراني اٿي وڃن، هو ٿا ڪارائن ٻين کي.“
”چو ڪلهہ شب رات هئي، هيئہ گهر ۾ اٿو، هيئہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گهه، عيش، ڪندي، جيو ماڻهو ته ٻچڙو سنهن ڪري ٻنهي رهين. ٻارهين مهيني جو ختمو تنهنجو به خيال نه ٿيندو. تون ته وڏا به رواڻ وارو آهين.”

”تنهنجا وڏا ته هوندا به رول هئا، باقي ختمو نه آيو ته ڪهڙو فرق ٿيو“

”تنهنجا وڏا رول هوندا. اسان توهان وانگر ڪونه آهيون.“

”منهنجا وڏا هئا سڀ، ڪن تنهنجن وانگر جٽيون.“

”چڱو ڪنگلا. ٻسو جو ڪونه ٿي ته ٻوءِ ائين ٿي چوندين ٿي. تنهنجي لاءِ وڏا بڪ نه مرن ڪٿي ٻون جهنم ۾.“

”اها ڳالهه ته حق جي ڪٿي ٿي. جي ٻسو آهي ته سڪ به آهي. نه نه ڪوڪنکهي به ڪونه. ڏٺي مي تنهنجي به بنا ٻسي جي هاڻي سڪ.“

”ها، جاني. اڳي ته نول ڪارائيندو هئين، سوَ جا نوٽ رلندا هئا.“

”تون ڪو ميڻ جي ڏيءَ آهين. الائي ڪيئن ٿو ويٺو مان جاليان. وس ٻڃٽي ته جيڪر ٻيڻ ڪان ٻه گوءَ ڪٿي وڃين.“

”الائي ڇا ڪيو آهي ان توکي. ڇڙو ڇمني اهي ڦسو ٿيون.“

”ماڪي ڇا ڪندي. توکي ته اهوئي سور آهي نه ته هوءَ سڪي گهر آهي ۽ جلدي اچي ٿي ته صاڻ،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٽنڊا ڦونا، ڪنڌ ۾ چورائي اڇي هئي وڪٽي ۽ جم
وجهه لڳيس ته ڌير جي ڪيسي مان ٻشا به لمائي.
"مٿا ڪا ڦـرآن جي مار ٻوندو. ٻين تي ٿو و
ڪوڙ هٿين. هـوءَ ٻنهنجي حصي جو ٻچاڏي ايندي آ
ڪن چوريءَ ڪٽي ايندي آهي."
"جاني سچ ٻ. صاٻڻ ڪونه هٽندي آهي، ڪنڌ ڪو
ڪائيندي آهي ۽ ڌير جي ڪيسي ۾ ٻه هنجو حصو هوند
آهي. تنهنجو ٻه وس ٿئو ٻجي نه ته...."
"ها تنهنجي گهر ٻيا ٻه اڻ ميا مال آهن. ٻاڻ مري
بک، ڪري مذ قان."
"چڱو ٿيو جو ڀاڪا ٻه اچني ٿا. هوئن ٻـ آهين
نه عقل جي اڪابر."
"انهيءَ ڳالهائڻ ڪانسواءِ ڪهڙو افعال ٿي. نه گهر
جو نه ٻنهنجو. ٻارن وانگر ڪپڙا ٻه ٻي ڏينهن ميرا ڪري
ٻيا مڙد ٻه آهن يا ڇڙو تون آهين. فضيلت تـه ٽڪي
جي ڪولهيس"
"جهڙي نه توکي فضيلت آهي. گهر جو نه وڏو خيال
ٿي. ٻار ته ڏس ٻنهنجا، ڇن ڪنهن ٻنگيءَ جا آهن."
"ٻيٽي آ. تون ٿي صفا ڪندو آهين."
"ها ابترو ڇٻو ته گونهه مٽ ڌوئڻ جي ڪاريگر آهين."
"هل ڙي هل. ٻنهنجن لٽن ۾ ٻـوه ڏٺي ٿي. الله
منهنجي زاري! مڙد جو ٻکهر آهي يا ڪنهن گڏه جو مٽ.
"اها ٻوه ٻه ٿ، تنهنجي مهرباني آهي. گولهه هٿان هٿ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٽوئين ڪونه ٻوءِ اسانجي اکن ۾ ٻوءِ نه ٿيندي ته ٻيو ڇا. پر تو ڏي به ڏوهه ناهي. هو ڪي ٿي ڪهڙي ٿي.“

”انهن جو نالو نه ڪٿ اشراف. هنن جو ته تون جيڪر هڪ ٿي ٽورو نه لاهي سگهين. مرڪين ڇا ٿي ٿو.“

”ماڪي ته ڏاڍا تاج ٻارايا اٿئون. الله جي ٿالي کو ليکين به ڪونه.“

”نخس (نفس) هجئي ته جيڪر ٻڏي مرين.“

”اٿين نٿي چئين ته جي نخس (نفس) هجي ته توکي کهتو ڏئي ماريان.“

”ماڪي کهتو ڏي نه خبر ڏيانءِ.“

”مان نيوز رپورٽر ٿورو ئي آهيان جو خبر ڏيندين.“

”وڏيڪ مٺو نه ٿيءُ، اسانکي پنهنجا پورا پئسا ڏيندو ڪر پوءِ آ تنهنجي مرضي.“

”ڏاڍي ٿي ٻڌائين. هوندءِ ته توکي ملندا ئي ڪونهن.“

”نه نه اهي ٽال نه ڪر. مان هاڻي پنهنجو حساب چڪي وٺندس. نه ته هي گهر هي تون. مان نڌڻڪي آهيان ڇا. ماڪي پنهنجا ڏٺي ڪونهن ڇا. اهي به ٿڪر لهندا.“

”توکي ڏٺي آهن ته اسانجو به الله وارث. هوندءِ ته تون منهنجي لاءِ وڏي اپيل هئين. وچ ڪڍئي قادر. چند چٽي هوندي. جهور وانگر رت پي وئي آهين.“

”مان سچ ٿي چوانءِ. متان پوءِ وڻ وڻ ڪرين. مان پنهنجو چڪي حساب وٺندي سانءِ.“

”مڙئي سڀ مال تنهنجو آهي. هيءَ جان به تنهنجي آ. جو ٿي گهرائين. جيئن حڪم ڪر سائين.“

”انهيءَ ۾ نه ڪنهيو ڪاڏو ٿي ٿي. ڏنو آ توکي. گهٽوئي ڏکيو ٿي.“

”اڃي هي وٽ پئسا. دير ته انهن ٿي ڪرائي. پنج سؤ ٿي. جيئن وٺني تيئن ڪجاءِ. توکان پئسا پيارا.“

”نه نه. الله کي ميچ نه، ذي اهي. ماکي پنهنجو مهيني جو خرچ ذي بس. چالاڪي ڪري ٻهريون سڀ پئسا ذي ٻوءِ اوئمن ٻائي نه چلدي. ڪهڙو فائدو.“

”نه الا. تنهنجي مرضي ماکي ڏين يا نه. ڪٿ اهي پر هٿ روڪي هلائجانءِ. الائي ڇو هٿ ۾ برڪت ئي ڪانهئي.“

”هٿ ته روڪيندس، پر جنکي ڏيڻا آهن تنکي نه ڏيان.“

”جڏهن چيم ته مونکان نه پڇ، تون مالڪ آهين، توکان پئسا پيارا. ڇڙو ڪاوڙبي نه ڪر.“

”سؤ روپيو ته امان ڪان ورتو آهي. پنجاه پيو به ڏيڻو آهي. ٻــرينهن ساهيڙيءَ جي شادي ٻه آهي. سو ئين سارهي به ته وٺان ٿي. ٻارن جا ڪپڙا به وٺڻا آهن پنهنجا ڪپڙا ته ڪٿي ٻوءِ ٿي وٺندس.“

”ٻوءِ اتي منهنجي نالي ٻوري ٿيندي. تون ڇگيون وَهيون سنڀالي ويٺي آهين.“

”ٻلا آخر ته ڏيڻا آهن يا ا ڪيون ٻوني ويهي رهون ساهيڙيءَ کي تحفو به ته ڏيڻو آهي.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”۽ مائين هاڻي کهڙو ڦاهو ڪاٽهي.“
”جاني! موڙي جا پنجاه روپيا به ته ڏيڻا آهن.“
”ته پوءِ هيئن ڪر، مان ڳچيءَ ۾ کهوکهو وجهي
اڏڪان نو. پڪي روپيا ڇٽي پوندءِ، اهي به مـوڙي ۾
ڏجانءِ. هي گهر نيو يا دوزخ! ڇڙو اسان تي ڏوهه. زال
آهي يا وبا جي بيماري. هڪ ٻي سڪ ۾ خلاص. مڙس
ڇوري نه پيئي.“

(سنڌي پڙهائڪوشنس مارچ ٧٤)





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# اوندا ھوءَ جا زخم

”ھو ت. ڏس“ منھنجي دوست مون کي اونٺ ھٽندي چيو. ”ڇڏ يار. توکي تہ ھر وقت ھجن اھي ڳالھيون“ مون خالي بيزاريءَ مان چيو ”اھي واھيات ڳالھيون نہ ڪندو ڪر.“

”واہ ڙي واہ! وڏو ملان جو پٽ ٿيو آھين. ڇڏ يار سگهٽي ڀڪائي. ڏس تہ ٿاھي. مغز جا پڙدا خشڪ ٿي ويندہ. اٿي پيئو، باقي آھي ڪلڏي“ منھنجي دوست ڀريون ٽنوليءَ مان تہ پوءِ آھستي رازداريءَ ۾ چيو.

جڏھن بہ منھنجو دوست ارشاد مون سان ھوندو آھي تہ رڳو وتندو پيليائين ڏي، ٿقيرالين ڏي ۽ ھر ائيءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ساڻ راند ڪري، منهنجي اندر جي باهه تيز ٿي ويئي.
جڏهن ته منهنجو هن سان شروع جو لاڳاپو رهيو هجي.
اندر ۾ سچ پچ ٻرڻ لڳي. هڪ خيال اندر ۾ ٻوڙ پائي اچي
چيو ته پيٽر واري منهنجي آهي. هو مون پاڻ کي دوست
جي نظرن ۾ عيث ڪڻ ٿي چاهيو باقي اچن ته وڏا
ڏڪ پيا. جيئن ٿي منهنجون اکيون روشنيءَ کان ٻهي
اوندهه ۾ ٿي پيئون ته منهنجي ذهن ۾ ساڙ جي ٻريل
چڻنگ ورڌيڪ ڀڙڪو کائي ٿي ٻري اٿي. ٿوري ويرم
نه گذري ته هوءَ آئي ۽ اچڻ شرط هن ٿي گلاس پاڻيءَ
جا پي ڊيڪ بسڪيٽ ورتي فاتحانه انداز ۾ کائڻ لڳي.
جڏهن نادرشاهه ڦيرو ڏئي ڦر جو سامان ميڙي آيو هجي.

"يار ڪمال آهي." مون عجب کائيندي چيو، "ڏس
ته ماڻهو ڦريائين سان به نٿا مڙن."

"دل ته منهنجي به ٿي ترڪي، پر اجائي مٿي
ٿو رکين. سڀ ڪينس، ويندين؟"

"منهنجا پرڪار ظاهر نه ڪر" مون چيو، "خدا
پناهه ڏيندو."

پر حقيقت ۾ هن منهنجي دل جي ڳالهه ڪئي. دل
ته اٿين ٿي چاهيو ته گهڙيءَ پل ساڻ ڇا ورندو، سڄي
رات هوءَ منهنجي بستري جي زينت بڻجي رهي. عطر
جي خوشبوءِ سان ڳنڍيل هن جي سيرن، ڇپرن ۽ پيڇل
ورن جي خوشبوءِ ورتي ۽ هن جي سڄي حسن جي

ميڙاڄ جور بڻجي هوسي وڃان ته جشن بعد ۾ ٻئي ڪنهن
جي حصي ۾ ميڙاڄ ته ٿيو ۽ ميڙاڄ جو احساس به نه
رهي. وري جڏهن هوءَ اچي ويٺي ته سامهون ته منهنجي
دل سونهن سان ڪل سان مقابلو ڪرڻ شروع ڪيو. هن
جي رکيو تڪڻ ۾ ٿي هزارين چئيندڙ تير هئا. جي ڪلي
ها نه الائي ڪهڙو قهر ٿئي ها. هن جي تڪڻ ۽ ٻوهن
جو انداز اهڙين هو جڻ هن پنهنجو نئون گراهڪ تاڙي
ورتو هجي.

”ڏس مال ڪاڻهي ٻيڇي ويو.“ منهنجي دوست کي
وري ڳالهه ڪرڻ کان سواءِ مزو نه آيو. ”پريال جسم
گورو رنگ، ڳتا چاڪندڙ، ڏورا ٻريل سخت، سٿران
سڄيل. پيو اچان چا ڪيئي. اٿ مائي وٽ مزو، نه ته پوءِ
پڇتائيندين.“

هڪ دل چيو ته چئي ڏيانس: ارشاد وارو ڪر.
منهنجي دل واقعي ٿڪي ٿي. ۽ اٿين خوار ۽ خراب
نيڻ جي همت نه ساري سگهيس ۽ ٽڪاڻ لاءِ چيم ”واقعي
يار ڏورا ۽ سٿران ته سڄيل اٿس. ورزش نه نه ڪندڙ
آهي. سينو به ورزشي نو معلوم ٿئي.“

”ڳالهه نه ٽاءِ“ هن چيو. ”اڪيون مٿي ڪئي ڏس.“
سون اکيون ڪئي ڏٺو نه هو، مٿون ويٺي هئي
”بابر به آنا ته ڏيو.“

”اچ پيچ“ مون ٻي رخيءَ ماڻ چيو. پلا ساڪ جو
جماڻي ٿئي. هن مشڪي ڏٺو ۽ چيلهه کي لوڏيندي

چيو ”توهان جي مراد به پوري ڪنديس.“

منهنجي جسم ۾ مقناطيسي ڇڪ آئي ۽ مان هروڀرو ٻوٽ ڀري ڪيو. منهنجي دوست ٺهڪ ڏيندي هن کي چيو، ”وڃ مائي، هي ملان ناهي.“ ۽ مان دل ۾ سڙندو ڪڙهندو رهجي ويس.

”ادا يار، توکي هجي ڇڙو هر وقت مذاق.“ مون بيزار ٿيندي چيو.

اسان اتان اٿياسي رستي ۾ ارشاد ٻڌيو ”چانهه وٽيش. انس لاجواب.“

”چانهه وٽي نه وٽي، فقيرباڻي ته وٽي. اها ته لاجواب هئي“ مون دل ۾ چيو.

اڳيان ٻيو هوٽل هو. هن پاڻهين کان وٺي چيو ”آءٌ ته وري هتي چانهه پيئون.“

”هتي اهڙي چانهه ڪانهي؟“ مون وڃڻ جي ڪندي چيو.

”چانهه ته اهڙي هوندي، پر اهڙي فقيرباڻي نه هوندي.“

هن منهنجي منهن ۾ ڇتائي ڏسندي چيو ”ڇرڙيا نٺو ته ايندءِ ۽ پڙهڻ ۾ به دل لڳندءِ، اڄ ئي وٺ.“

مون ڪو جواب نه ڏنو فقط ايترو سوچيم. تون ڇا پڙهي ڄاڻين. تون مون کي نٿو پڙهي ڄاڻين ته ڪتابن کي ڪيئن پڙهندين. اهي ته بي جان آهن، بي روح آهن. تون هڪ جان، هڪ روح واري کي نٿو پڙهي سگهين. تون وڃ. مان پاڻ ئي پڙهندس مان ته فقيرباڻيءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

کي ٻڌهندس. هن جي حسن کي اڳهندس، هن جي انگ انگ کي ڏهندس، هن جي ڇولي مان نڪتل ڇاتيءَ جي اپريل حصي کي ٻڌهندس، هن جي ڦاٽل سٿڻ مان ليٿا پائيندڙ ران جي ڪتُر کي ٻڌهندس. تون وچ مان گهاڙهن گهٽن، گلابي ڇپن، مايوس ۽ مجبور اکين کي ٻڌهندس.

”ٻلا هلڻ ڇو نه ٿو.“ هن جهٽڪو ڏيندي چيو.

”تون ٻي آءُ“ مون وراڻيو، ”ما کي ننڊ ٿي اچي.“

هو ويو ۽ منهنجي جند آزاد ٿي منهنجي جذبن کي اپرڻ جو هڪ نئون موقعو ملي ويو. جسم ۾ الائي ڪهڙو وڪوڙ هيو. مونجهه، جوانيءَ جي جوش ۽ شيطاني خيال گڏجي حملو ڪيو. شيطان اچ مون کي پنهنجو ٻڌايو ۽ هڪ گهڙي گهري دوست جيئان نيڪ مشورا ڏيڻ لڳو ته! آهي ته پڻ آئن جي ڳالهه. ڇو نو ايڏو سڙين ٻچين. پڻ آئن ۾ ڦنداري ڏڙهون ملي ته ڪهڙي ڪَس. ملڪيتون انجي وڃن ته به شايد اهڙو گدرو سولائيءَ مان نه ملي سگهي. واقعي هوءَ ٺاهون جو مچ هئي، جنهن جان کان وڌ دل تي جلائي.

مان ڦيرو ڏئي اچي وري ساڳئي هوٽل تي ويٺس. منهنجون هوس پرست نظرون بيقرار هيون ۽ مان شيطاني خيالن ۾ ٻڌل هوس ۽ منهنجو ڪمينو ضمير انهن خيالن کي پنهنجي دائري ۾ چڪر ڪاراٽي رهيو هو. روشنيءَ کان اونده تائين هرڪنهن کي اکيون ڦاڙي ٿي ڏٺم.

انهيءَ ڳولها ۾ ٻي مزي ڏيڻو هوس ته ڏيڻ هڪ ٻه دوست نظر آيو. ڪهڙو دوست هميشه ڳلائي پيٺ ۾ سور وجهڻ وارو. مان نه هن سان سندس خوش نصيبي آهيان هن جي هڪ هڪ ڳالهه تي مغرور نهڪ نڪري ويندو آهي. پر اڄ جو وقت جڏهن هڪ ڏر تي محسوس ٿيم. مون اٿي چاهيو ته وقت جا پاڇا اڄ نه ڏکي ٿي ۽ مون کي اندر ۾ پريل باهه ڪسي ٿاڻي ۾ ٺهر ٿي. مون کي اڄ ڪنهن جي به قربت ٿئي وٺي سواءِ ٽيڪنز رولو حسين فقيرياڻيءَ جي جنهن جي جسم مان حسن جون لاٽون ٿي نڪتيون. جيڪڏهن هوءَ انهن روئڻ ٿي نڪي نڪي لاءِ هرڪهن جي پيرن ۾ نه ڪري ها ته ڪيترائي پنهنجي سڙي وڃن ها. ڪيترائي گهايل پنهنجي جهر جهنگ زخمن جون ٻوٽيون ڳوليندا وتن ها ۽ سوڻ ٻارا ته سويل ٿي گڏو پنهنجي وڃن ها. مان ڪيتو ٿيو ۽ منهن اري ڪري ٻلب ڪان ٻاهرو ٿي ڪنڌ ڇانوري ۾ ڪيو. پر هن اڳ ٿي ڏسي ورتو هو. اچي ٻاڪر پاتائين.

"ڪاٿي آهين يار" هن پڇيو. مان چپ هو.

"تنهنجي ٿي بادشاهيءَ ۾" مون موڊ خراب ڪري چيو.

"منهنجي بادشاهي هجي ها ته روز نوان جشن ڪرايانءِ ها." هن هڪ وڏو ٽهڪ ڏنو "ها ته اڄ هڪ مزي جي ڳالهه ٿو ٻڌايانءِ."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻڌي ٻالجانءِ تہ جيئن زمين جي ايڪڙن جو تعداد لکن تائين پهچي وڃي ۽ ڪٽي جو هجڻ بہ ضروري نہ ٿئي.“

”منهنجي خيال ۾ تو اڄ ڪارو سنهن ڪيو آهي، نہ هن تہ ايڊي وڪالت نہ ڪرين.“ چون لاءِ ڇم ۾ ڪا دلچسپي ڪونہ هئي. سان دل ۾ پيو تسبيح پڙهدان تہ اٿي تہ ختم ڇني. هر ڪنهنڪي پنهنجو شڪار وڻندو آهي. سان اڄ بڪنئي گدڙ وانگر ٿي ڦيريون پاتيون ۽ لڳاتار ٿي هنيا. دل ۾ وٽ نہ پيا. ايتري ۾ هوءَ بہ نظر اچي وئي. ڇو باهہ تي ڪاسليٽ پئجي ويو. دل ۾ پٽ پٽ پوي پيا ۽ منهنجا خيال وڃا سڌا وڃي ٿي هنجي جنگهن ڪي چنبڙيا.

”شادي جو تہ احوال ٿي نہ ٿو پچين.“ هن ڪلمي هيو. سونکي چڙ لڳي. مزو تہ اڳئي نہ ٿي آيو. ڇم ”جيڪا ڏوڙ پاتي ٿي تہ ان لاءِ ڇا چوان.“

”ڇاجي ڏوڙ پاتي اٿم“ هن ڇتائي ڏنو ”ان جي معنيٰ جيڪو بہ قوم سان شادي ڪري سو ڏوڙ ٿو پائي. توکي ڪهڙي خبر. ڇٽ سوئي ڇٽ.“

”مهرباني. توکي تنهنجي ترقي مبارڪ. تنهنجي قومي جذبي کي تہ هار پئجي ويا نہ. هونئن بہ تہ ماڙهون ٿي ڇونڊو هئين تہ انهن ۾ پيار ۽ قربانيءَ جو مادو گهٽ آهي.“

”ازي اها ڳالهہ ناهي. اصل ۾....“

”اصل ۾ توکي ڪا سنڌي ڇوڪري نہ ٿي ملي،“

اٿين نه؟“ مون هنجي ڳالهه اڌ ۾ ڪٽيندي چيو.

”چڱو يار اهايون ڳالهيون. تنهنجي معنيٰ ته مان قوميت مان نڪري ويس. دعاء ڪر، اهڙو ڀاڙي مان نه ناهيان. قوميت هنوجي جاءِ تي. مان قسم مان چئي ڇڏيو ٿي ماڻس ته سنڌيءَ ڪانسواءِ منهن ڏينهن بي ٻولي ڳالهايم ته ان ڏينهن منهنجي طلاق ٿي.“

”ڏکجي ويهه. رک ته رهڻي ٿي ميان. تون ٻـ هڪڙو، جڏهن تنهنجا ٻار ٻاهر سنڌي، اندر ڌاريءِ ٻولي ڳالهائيندا ته پوءِ طلاق ٻهاءِ تنهنجي ماءُ لڳندي.“

”ڏس وڃين ٿو نه پري پوندو،“ وري به پاڻ ڇپائين.

”مان ايترو ٿو چوان ته جنهن هاڻي به سنڌي نه ڳالهايو هجيس ته ماءُ لڳي، ڇو نه، يا ڀيڻ لڳي.“

”ڀلا مان هڪڙي تي اچي نڪر ٻڪو ڇا؟ ٻين کي ته ڇئين ٿي ڪون ٿو.“

”پيا ته سنڌ جا سپوت آهن. سنڌ جي سپوتن کي نه سيکجهه روا آهي.“

”چڱو يار، هاڻي هونئن به تون واهيات ٿي پيو آهين.“

مون نظر ڦيرائي ڏٺو ته اها ڦقيرياڻي ڊوڙندي اچي سامهون بيٺي. مون ڏي ڏسي مشڪي. منهنجي جان ۽ جسم ۾ تيرن جون تکيون نوڪان چڀي ويون. دل هن جي مشڪندڙ ڳاڙهن چپن کي چمڻ لاءِ ڦاٿي رهي هئي ۽ هن جي پيار لاءِ سينو ويسو ٿي ويڪرو ٿيندو. مان به جواب ۾ مشڪي ڏنو. هن جي عيد ٿي وئي. رز ۾

جو سڏڪو ٻڌم، جنهن ۾ من جي دل جي زخمن جي
تازي رت سان گڏ منهنجي زخمن جي ۾ رت ڳوڙهن
جي شڪل ۾ شامل هئي. منهنجي دل اونهه جي گهري
ته ۾ لڪي ڪري روئندي رهي. درد هو، سور هو،
جو دل کي زخمي ڪري رهيو هو.
سونهن روشنيءَ ۾ نمڪندڙ سنڌ ڦورن جو آستو
ٿي نظر آئي. منهنجي ڳچيءَ ۾ سنڌ جو تشو پيل هو،
جنهن ۾ هر ڪنڊ ڪان شبنم جا سڏڪا ٿي آيا ۽ جن
پيون ۾ ڪيتريون ئي معصوم زندگيون شبنم جي شڪل
۾ لڙهي رهيون هيون، ۽ جن جو لڄڻ ۽ ڦٽڪڻ ۾ هڪ
گناهه جو نشان بڻجي ويو هو. پري ڪان جن ڪو آواز
ٿي آيو ”سليم مونکي ڇڏي نه وڃ.“
”شبنم مان توکي پنهنجو ڪندس. شبنم مان توکي
ڪنوار جي لال وڳي ۾ ڍڪي ڏکن جي ڏکيل ڏيہہ
مان ڪڍي سرهيءَ سيج تي ويهاريندس.“ منهنجي ذهن
۾ نقش ابري آيا ۽ ٻيءَ گهڙيءَ ذهن جا ابريل نقش
ڪچهه جي ذري جيئان هوا ۾ اڏامي ويا. منهنجي جسم
جون رڳون حرڪت ڪرڻ ڪان نابري واري ويٺيون.
جسم ٻي ساهيو ٿي ٺنڊ تي ڦهڪو ڪري پيو.
مغز جا ٻڙدا خشڪ ٿي يڪتاري جي تارن جيئان شوخ
ٿي ويا، جن جي ننڊ سان فقط آواز ٿي آيو.... شبنم....
شبنم.... شبنم....

—



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پيار ۽ زهر

گهڻن ڏينهن کان سنيرندي سنيرندي، اڄ مس هوءَ پنهنجي ساهيڙيءَ کي مبارڪ ڏيڻ لاءِ گهر کان ٻاهر نڪتي هئي.

ثمازي هن جي ننڍپڻ جي ساهيڙي هئي. هنن ٻنهي ميٽرڪ تائين گڏ پڙهيو هو. جڏهن به ثمازي تاريخ جي ورقن ۾ جنگ جا واقعا پڙهندي هئي ته خوش ٿي چوندي هئي ”خوش قسمت آهن اهي، جيڪي سوڙ جي موت کان گولين جو موت مرن ٿا.“ ۽ مشڪي چوندي هئي ”انهن مائرن ۽ زالن کي فخر ڪرڻ گهرجي، ثريا!“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پوءِ ثريا کيس چرچي ۾ چوندي هئس ”ڪجهه ته
جهلئي. پوءِ ڪٿي ڪجانءِ ڪنهن فوجيءَ سان شادي!“
۽ شازيءَ جو منهن خوشيءَ يا حيا جي جذبي کان
ڳاڙهاڻ مائل ٿي ويندو هو.
پوءِ ان کي شازيءَ جي خوش قسمتي چئجي يا
اتفاق، هن جي شادي هڪ فوجي آفيسر سان ٿي. جڏهن
هن جي شادي ٿي هئي ته ثريا هن کي ونواهه ۾ چيو هو.
”هاڻي ته خوش ٿينءَ“ ۽ هن جي سٽڙ ۾ چهنڊي
پاتائين ”پر خيال ڪجانءِ، فوجي ابتي سبتي ليفٽ رائيٽ
ڪندا ٿي.“
”هل حرامزادي“ شازيءَ هن جي هٿ کي جهٽڪو
ڏيندي چيو هو.
هنن جي شاديءَ کي مس ٽي مهينا به نه گذريا ته
جنگ شروع ٿي. ان وقت به ثريا هن وٽ آئي هئي.
پر ان جي ابتڙ هنجو منهن خوشيءَ بجاءِ ڪومائيل هو.
۽ هوءَ خيالن ۾ گم شم هئي.
”چو ڙي شازي، اٿين ويٺي آهين.“ ثريا هن کي
ملول ڏسي چيو.
”اٿين ڏي.“ شازيءَ جو آواز ڳورو هو. ”هو
محاذ تي ويو آهي.“
”پوءِ چاهي“ ثريا مشڪي [illegible] ”سوڙ جي موت
کان....“
شازيءَ کٿي هن جي وات تي هٿ رکيو ۽ هنجو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جملو اڌ پورو رهجي ويو.

”ائين نہ چؤ ثريا، ائين نہ چؤ.“ هوءَ روئي ويئي. ”منهنجي دل ٿي منجهي.“

۽ تڏهن هنجي روئڻ تي ثريا جي دل ۾ بہ چڪ پيو هو ۽ هوءَ چپ ٿي وئي هئي. هن شازيءَ جي اکين ۾ ڏٺو. اڄ جي شازي، اها شازي نہ هئي جو ڪلاس ۾ ٽهڪ ڏئي چوندي هئي.

”جي سان مرد هجان ها تہ سيني ۾ گوليون کائي مرڪندي مران ها. پيون زائفون تہ ڏسو. ساهہ پيو منجهندو اٿن. جڏهن هوندئن تہ مرنو ٿي ڪونهين.“

”ڊڄي ٿيءُ ڊڄي.“ ثريا چوندي هيس. ”پتو تہ پوءِ پوندو، ميدان کان ٻاهر هرڪو ائين ٽپا ڏيندو آهي.“

”هل ڙي هل“ شازي مشڪندي کنڌ مٽي کڻي چوندي ”سڀ تو وانگر سيٺڙ جي اولاد آهن ڇا. مان تہ شادي ٿي ان سان ڪندس، جيڪو گوليون کائي محاذ تي جان ڏي“ ۽ ڪلاس ۾ رڙ ڪري چوندي هئي ”ڇوريون سڀ فوجين سان شادي ڪجو.“

.... .... ....

پورا ويهہ ڏينهن ڇتي جنگ هلي. ڪجهہ دشمن جا قيد ٿيا تہ ڪي دشمن قيدي بڻايا. انهن ۾ شازيءَ جو مڙس بہ قيدي ٿي ويو.

پورن ٽن سالن ڪانپوءِ قيدين جي واپسي ٿي. شازيءَ جو مڙس بہ قيد سان ڇٽي گهر آيو. ۽ اڄ پورو مهينو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿيو هو جو ثريا هن کي مبارڪ ڏيڻ لاءِ سنهڙندي ٿي رهي. ۽ نيٺ اڄ خوشيءَ مان هن ڏي وڃي رهي هئي.
هنکي خبر هئي ته هوءَ ڪيترو نه خوش هوندي. هن پورا ٽي سال دعائون گهرندي، ۽ نمازون پڙهندي گذاريا هئا. هن جي هڪ هڪ گهڙي زهر جيئان هوندي هئي، جنهن جي ڪوڙاڻ هن لاءِ عـذاب بڻجي ويئي هئي. انهيءَ ٽـن سالن ۾ ثريا جي شادي ٿي هئي ته هوءَ پنهنجي مڙس جي غم ۾ هنجي شاديءَ ۾ به شريڪ نه ٿي سگهي هئي.
هڪ ڏينهن ثريا هنکي ڏوراپو ڏئي چيو "شازي، تو منهنجي شاديءَ جي خوشيءَ کي پاڻيءَ ۾ ملائي ڇڏيو."
"ڏک نه ڪر ثـريا، بس دل ڪـي ڪو مزوئـي ڪونهي." شازيءَ روئڻهارڪي آواز ۾ چيو "جڏهن هو آيـو تـه تـو وٽ اصـل پـورو هفتو رهبو. پوءِ ته خوش ٿيندينءَ."
"پوءِ ڪهڙي ڪم جو" ثريا چيو "جهٽ گهڙي ئي ڪٽي اچين ها."
شاديءَ جي، ڇهن مهينن ڪانپوءِ ثريا هن وٽ وئي هئي.
"مبارڪ ٿي." شازيءَ هن کي ڏسي چيو.
"اڄ اها اڻ منداڻتي مبارڪ الائي ڇاجي" ثريـا مشڪي چيو.
"ماڻ ته ٿينءَ" شازيءَ هن جي اپريـل پيٽ ڏي اشارو ڪري چيو "پاڳ واري آهين."
۽ هن کي ياد اچي ويو. شازيءَ کـي سـپ ڪان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وڏو فڪر نه اهوئي هوندو هو. ننڍي هوندي کنهن راند ۾ به هوءَ پنهنجي گڏيءَ کي گڏو ڏئي، ٻار ضرور ڄڻائيندي هئي. هاڻي به ڪيترا ڀيرا هن ثريا سان ڏک وچان ذڪر ڪيو هو.

”ڪجهه ۾ ڪجهه هن جي نشاني ڏئي ها ته جيڪر چڱو هو.“ شازيءَ چيو ”وقت ته وري به چڱو گذري وڃي ها. هاڻي ڀلا ڪيئن ڪاٽيندس اهي جبل جيڏيون راتيون ۽ جبل جيڏا ڏينهن.“

”پوءِ چاهي“ ثريا مشڪي چيو هوس ”اڃا ڪٿي نه اڳو پوءِ ڪسر ڪيجانس“ ۽ شازيءَ شرم ۾ ٿورو مشڪي پري منهن ڪيو.

”جاڻي به اها هنجي غلطي هئي.“ ثريا وڌيڪ چيو.

”چڱو ڇڏ هاڻي.“ ۽ شازيءَ جو ڪنڌ هيٺ گوڏن ۾ جهڪي ويو.

جڏهن وري ثريا کي ڪيڪو ڄاڻو ته ڏک ۽ غم هوندي به شازيءَ جو منهن خوشيءَ ۾ ٽڙي پيو هو. ائين ٿي لڳو ڄڻ شازيءَ جي صدين جي آرزو پوري ٿي هجي.

.... .... ....

ثريا هنجي گهر جي ڇانئٺ ٽپي اندر گهڙي. شازي پلنگ تي ويٺي پنهنجي چولي جو پرٺ پري رهي هئي. ڪڙڪي تي منهن مٿي ڪيائين. سامهون ثريا کي ڏسي مشڪي.

”مسين ئي اچين رن.“ هن مشڪندي چيو ”ڪن هائي وسري ويا آميون.“

”تون ڪيئن وسرنديءَ“ ثريا چيو ”اها تون نٿي ڳالهائين، تنهنجي خوشي ٿي ڳالهائي. هائي ته خوش آهين ني.“

”ها مڙئي.“

”مڙئي ڇو؟“ ثريا هنڪي ٽونٽ هڻندي چيو ”هائي ته سڄيون ڪسران ڪيندي هونديءَ.“

شازيءَ جو منهن لڄي ٿي ويو. ”ڇو منهنجي ڳالهه نٿي وڻئي ڇا؟“

ثريا هن جو ڪنڌ هيٺ جهڪيل ڏسي چيو ”ڏي خبر ڪڪو ڪڏهن ٿو اچي. مان ته ائين سمجهيو هو ته تون نينڊڙي جي رلهڪن ۾ اٽڻ سڀڻ ۾ رڌل هونديءَ.“

”ڇڏ اهي ڳالهيون.“ شازيءَ جهيڻي آواز ۾ چيو.

”ڇو ڇا ڳالهه آ.“ ثريا هنجي ڪن ۾ آهستي چيو.

”دل ڪٺي ويو ٿي ڇا.“

”نه“.

”پوءِ باقي.“

”ثريا، هن جو پيار ته پيٽو ٿي ويو آ، پر منهنجي لاءِ....“ هن هڪ ڪيت ڏني ۽ جملو پورو نه ڪري سگهيائين. ثريا ڏٺو ته ڪوڙهن جو پاڻي هن جي اکين ۾ ظاهر هو.

”پڌاءِ ني، آهي ڇا؟“ ثريا هن کي ڪلهي کان وٺي چيو ”ڏس مون کان به لڪائينديءَ.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن جي اکين مان به لڙڪ لڙي هيٺ ڪريا ۽
پين لڙڪن کي رئي جي پلاند سان هيٺ ڪرڻ کان
روڪڻ لڳي.

”پڌاء ڪٿي.“ ثريا هن کي زور ڏئي چيو ”آهي
نه خير. ايڏو جُهرين ڇوٿي.“

هن ڪيت ڏئي پنهنجي نڙيءَ ۾ تڪ اڳرندي چيو.

”پورا ٽي سال قيد ۾ رهندي هو مڙس نه رهيو آهي.“

”بس اها ڳالهه آ نـي“ ثريا هن کي چيو ”اجايو
دل ٿي لاهين. علاج ڪرائينس ني.“

”نه ثريا.“ هن روئـي چيو ”تـو چيو ڪو نه، ته
فوجي ابتي سبتي ليفٽ رائيٽ ڪندا آهن.“

”ها پوءِ ڇا.“ ثريا چيو ”چيو هيم.“

”هو سبتي وساري ابتـي ليفٽ رائيٽ سکي آيو
آهي.“ هن کان سڏڪو نڪري ويو ”۽ مان هن جي
خوشيءَ لاءِ پنهنجي اندر جي عورت کي گهٽو ڏئي
ماري ڇڏيو آهي. پيار کي ته گهٽو ناهي ڏيٽو ثريا.“

۽ هوءَ ثريا جي سيني ۾ منهن لڪائي سڏڪا پرڻ
لڳي ”مان ماءُ نه بڻجي سگهندس ثـريا، مـان ماءُ نه
بڻجي سگهندس.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# گهايل من منهنجو

شهناز! دل ٿي چئي ته ڪجهه نه ڪجهه لکان. پر سوچيان ٿو ته ڇا لکان؟ ڪاغذ ۽ پين هٿ ۾ کڻندي ته همت ئي نٿي ٿئي. دل ۾ خيال ۽ جذبا ته گهڻائي ٿا اڀرن، جن کي لکڻ جي ذريعي ماٺ ڪرائڻ جي ڪوشش ٿو ڪريان، پر منهنجي وس ۾ ڪونهي جو ائين ڪري سگهان.

هر وقت اهو خيال هوندو آهي ته صرف تنهنجو ئي ذڪر ڪندو رهان ۽ صرف تنهنجي ئي پيار جا گيت الاپيندو وتان ۽ صرف تنهنجي ئي بابت لکندو رهان. ڇو ته تنهنجي ذڪر ۽ تنهنجي فڪر ۾ دل کي سڪون ۽ آرام محسوس ٿيندو آهي. هزارين ڳالهيون سوچيندو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تنهنجي ياد ۽ جدائيءَ ڪري. ڇو ته مون کي تنهنجي ياد جو شدت سان احساس تنهن سر جاڳيو نه هوي. مان ته اهو به غنيمت نه سمجهيان، ڇو ته اهو نه تنهنجي ياد تازي ڪرڻ جو هڪ ذريعو ٿئي ٿو.

هونئن به تنهنجي ياد منهنجي لاءِ ڪا اهڙي چيز نه آهي، جو دل تان لهي وڃي يا خيال کان هٽي وڃي. قيامت هڪ ڏينهن ايندي ۽ ان جي تڪليف ۽ پريشاني حد کان وڌيڪ هوندي، مگر تنهنجي بغير منهنجي لاءِ هر روز، هر گهڙيءَ قيامت ٿي گذري.

مان ڪريان ته ڇا ڪريان؟ لکان ته ڪيترو لکان؟ لکڻ سان ڪو درد دل ختم ٿيندو؟ ۽ نه وري درد دل کي ختم ڪرڻ جو خواهشمند آهيان. اهو ئي ته هڪ تحفو آهي جو تو مون کي ڏنو آهي. ان کانسواءِ مون وٽ تنهنجي ڪهڙي سوکڙي آهي؟ ڪهڙي نشاني آهي؟ اهائي هڪ سوکڙي آهي ۽ ان سان گڏ پيار ۽ محبت جون يادون، راز ۽ نياز جون سريليون مٺيون مٺيون ڳالهيون. ۽ هائي، هائي سور جون سٽون جيڪي دل مان شروع ٿي سيني ۾ اڀرنديون رهن ٿيون ۽ جيڪي ناسور بڻجي چڪيون آهن.

مان انهن سورن جي سٽن کي سهندو رهيو آهيان. عجيب شخصيت آ تنهنجي به؟ تو پيار ڏنو، سڪ ڏني، محبت ڏني، ساٿ ڏنو، دل ڏني، روح ڏنو ۽ هائي جدائي ۽ ان سان گڏ نه وسرندڙ يادين جا باغ، جيڪي

جي پنڌي ڪانسي ۽ ابتر ٻاري جو، اکين ۾ ڪيترن ورهين جي مسلسل اوجاڳي سبب پيدا ٿيل لالاڻ ۽ نشور ٿيل جون لڪيرون نمايان نظر اچن.

تاج محل ٻن دلين جي پيار جي نشاني آهي. شاهه جهان پنهنجي راڻيءَ جي پيار ۾ هڪ عاليشان نشاني بڻائي پيار جو ثبوت قائم ڪيو ۽ پيار کي تاج محل سان برقرار رکيو ٿيو. هتي جڏهن به تاج محل جو نالو ايندو ته پڪ دلين جي پيار جي نشاني سوال ٻنهي ذهن ۾ اڀرندي.

پر ! شاهه جهان کي اهو ياد نه رهيو ته تاج محل ڪڏهن طوفان تکڻ سان ڀڄي سگهي ٿو. دريا ان کي اکيڙي سگهي ٿو. وقت جون حالتون ان کي نابود ڪري سگهن ٿيون. ڌرتيءَ جا زلزلا ان کي تباهه ڪري سگهن ٿا.

مان شاهه جهان نه آهيان جو تاج محل ڌرتيءَ تي ٺهرايان. مون پنهنجي دل ۾ تاج محل ٺاهيو آهي. جنهن کي نه هوا، نه پاڻي، نه زلزلو، نه ڪي وقت جون حالتون تباهه ڪري سگهن ٿيون. زمين تي هجان يا قبر ۾، منهنجو تاج محل مون سان گڏ هوندو. پيار جو تاج محل، هڪ جو تاج محل، پاڻين جو تاج محل، راڻيءَ شهناز جو تاج محل. ــــ

ماڻهو چون ٿا ته مان چريو ٿي ويو آهيان. مگر انهن کي ڪهڙي خبر، هو ته صرف ظاهري سوداءُ !

مون کي تنهنجي انهيءَ خواهش جي تڪميل لاءِ
جيئڻو پيو نه ته منهنجو جنازو به تو سان گڏ نڪرڻو هو
۽ هڪ ئي وقت قبر ۾ پوڻو هو. توکي خبر آهي شهناز!
ته منهنجو تو سان ڪيل هر وعدو ايمان وانگر مضبوط
رهيو آهي. هر گهڙيءَ مون تو سان محبت ڪئي آهي.
تو بستر مرگ تي مون کان وعدو ورتو هو ته مان
پنهنجي گذريل زندگي بلڪل وساري ڇڏيندس ۽ گذريل
واقعن تي ڪڏهن پاڻ کي به غور نه ڪندس ۽
پنهنجي زندگي تنهنجيءَ شاهده جي پرورش ۾ ڪم
آڻيندس.

ليڪن هاڻي نه مون کي مرڻ جي اجازت آهي.
تنهنجي وعدي خاطر نه چاهيندي به زنده رهڻ جي ڪوشش
ڪيم. قدرت اهو سور به مون کي ڏيکاريو. تنهنجي
آخري نشاني به تو وٽ پهچي چڪي ۽ مان هاڻي فقط
اڪيلو رهجي ويس. شاهده هئي ته ڪجهه آٿت هيو. آخر
تنهنجي ئي وجود جو ائون جنم ته هيو نه!

پاڻ کي ۽ دل کي فريب ڏيڻ لاءِ شاهده جو سهارو
وٺندو هوس. تنهنجا نقش شاهده جي چهري ۾ صاف صاف
ظاهر هوندا هئا. ڄڻڪ مون کي پنهنجي شهناز ملي وئي
هئي. مگر هاڻي ته ڪجهه نه رهيو آهي. آخر ڪيستائين
زندگيءَ جي پيچرن تي رولو مسافر بڻجي، پٽڪيل
راهگير وانگر رلندو ۽ ڀٽڪندو رهندس؟

ڄڏهن به سسئي، ليلا، مارئي، هير ۽ نوريءَ جو ذڪر

ڇڙندو آهي ته تنهنجي تصويرُ اکيان به وڌيڪ منهنجي ذهن ۾ چٽي ٿي بيهندي آهي. ذهن جا ڏنڊ اتاڙي تون ڪڏهن مسڪيءَ، ڪڏهن سارنيءَ، ڪڏهن هير ته ڪڏهن نوريءَ جي روپ ۾ داخل ٿيندي آهين ۽ مان هڪ عجيب قسم جو آنند محسوس ڪندو آهيان.

ڀريون خيال هو ته خودڪشي ڪريان. جدائيءَ جي عذاب کان اهو عذاب آسان رهندو. پر اهو خيال به پورو ٿئو ڪري سگهان، ڇو ته مجبور آهيان.

توکي ياد هوندو- ضرور ياد هوندو؟ انهيءَ رات تون بيقراريءَ ۽ بيچينيءَ جي عالم ۾ ظاهر ٿي هئينءَ. تنهنجا وار پريشان ۽ چهرو مايوس، اکيون اداس هيون. ان کان اڳ تون ڪڏهن به اهڙي نموني پريشان حال ظاهر ڪونه ٿي هئينءَ.

"جاني! تون مون کان هميشه لاءِ ناتا ٽوڙڻ ٿو چاهين." تنهنجي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. ڇپر ڀاري ٿي ويا ۽ تنهنجو لاٿو چهرو جهڪي ويو. مان حيران ٿي ويس. تنهنجو چهرو پنهنجي هٿن ۾ کڻي هڪ مٺي ڏني هيم.

"ائين ڪيئن ٿي سگهندو شهناز! مان ته تنهنجي لاءِ تڙپي رهيو آهيان. جدا ٿيڻ جو ذهن ۾ سوال اچي ته ذهن ۾ گولي لڳائي ڇڏيان. پياري تون ڪهڙيون ڳالهيون ٿي ڪرين."

"پوءِ خودڪشي ڇو ٿو ڪرين؟"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تون خاموش ٿي وئين. تنھنجي اکين جا بند ٽٽي پيا. لڙڪ لڙي پيا. ٻوءِ منھنجي دل ٻکھرجي ٿي ؟ خودڪشيءَ جو ارادو ختم ٿي ويو؟ ھاڻي رڳو ويلو سور نو سھان.

ھاڻي مون کي فقط موت گھرجي. موت جو فرشتو گھرجي. مان اجل جو بکيو آھيان. سور سھڻ جي وڌيڪ سگھه نه رھي آھي. زنده رھڻ ناقابل برداشت ٿي ويو آھي. موت ڪڏھن ايندو؟ انھيءَ جو بي چينيءَ سان انتظار آھي.

ھر راه، ھر گھٽيءَ، ھر موڙ تي صرف موت کي ئي ڳوليندو رھان ٿو.

-٥٥-



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# زن مريد

رضيه بلڪل خوش قسمت هئي، جو هن کي بشير جهڙو سادو، معصوم ۽ سڌو مڙس مليو. هو پنهنجي گهر واريءَ جي هر ڳالهه تي ائين پنهنجو سر جهڪائيندو هو، ڄڻ ان ڳالهه جي نه مڃڻ ڪري ڪنهن وڏي گناه جو مرتڪب ٿيڻو هوندس. اهو اصل ناممڪن هو، جو هن جي گهر واري ڪو حرف تمنا زبان تي آڻي ۽ بشير ان کي پورو نه ڪري. جي امتحان طور تي ٿي رضيه چوي ته هو پنهنجي ڪل مشتهل هٽائي هن کي پيش ڪري ته هن کي يقين هو، بشير ان امتحان ۾ به ڀرپور نمبر حاصل ڪندو پر اوزيشن ڪٽڻ لاءِ رضيه ڪي اها به رخواست ڪندو ته جي هوءَ هن جو گوشت ۽ هڏيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهو به افسوس ڪندي هئي ته رضيه جو مڙس موڳو مٺو ۽ واڻڪو ٻاڏو آهي، جنهن کي رڳو پنهنجي چرڻ پيئڻ کانسواءِ ڪجهه، نه ٿو اچي.

”ڀلا، اها به ڪا ڳالهه آ.“ هوءَ کلي چوندي هئي، ”ڪهڙو ڀلو مڙس توسان اهين زندگي گذاري، جڻ تون هن جو مڙس ۽ هو تنهنجي زال آهي. مرد ته تڏهن وڻندو آهي، جڏهن هن ۾ ڪجهه مردانگي به ته هجي. ماڻهوءَ کي خبر ته پئي ته ڪاوڙ ۾ اچي هو شينهن وانگر گجي سگهي ٿو.

رضيه ڀريون ڀريون، فرزانه جي ڳالهين تي نڪ کي موڙو ڏئي منهن ۾ گهنج وجهي سوچيندي هئي ته فرزانه هن جي پرسڪون گهريلو زندگي کان ساڙ کائي رهي آهي يا شايد هوءَ آرام پسند واقع ٿي آهي جي هن کي فرزانه جهڙو مڙس مليو ها ته هوءَ ضرور خودڪشي ڪري ڇڏي ها. عورتون ته رڳو پيدا ٿي ان لاءِ ڪيون ويون آهن ته هنن کي پيار ڪيو وڃي. هنن جي لاءِ آسمان مان چنڊ تارا لاهي آندا وڃن. هنن جي حسن تي نظم ۽ ڪهاڻيون لکيون وڃن.

پر جوندا جو آهن ته صحبت جو اثر ضرور ٿئي. هڪ ڏينهن رضيه به فرزانه جون ڳالهيون ٻڌي پنهنجي مڙس جي حد کان وڌيڪ سعادتمندي ۽ فرمانبرداري کان عاجز اچي سوچڻ لڳي؛ دل مان عقل جو رهڻ ته ليڪ آ، پر ڪڏهن ان کي اڪيلو به ڇڏڻ گهرجي ۽

جيستائين زُمڻ زمامي جو ميلاپ ناهي مڙس جي طرفان ڪاوڙ ۽ ناراضپي جو اظهار نه هجي ته هيءَ مختصر زندگي عيش نه ٿي سگهي ٿي ۽ ايتري مٺاڻ به ڪيڏي ڪم جي جو منهن ۾ پئجي وڃي ۽ ڏندن ۾ ٿي سور پئجي وڃي.

”من پڌايان ٿو ڪي، فرزانه دل ئي دل ۾ جلندي رضيه جي مٺاڻ ڳالهه ٿي هاربندي جنهن ڏينهن منهنجو مڙس مون کي مارڻ لاءِ، ڪڍيندو آهي. خبر ٿي ان ڏينهن هن کي مون تي ڪيترو رحم ايندو آهي. ڪڏهن واري جاءِ کي وري وري چمندو آهي. فلم تي وٺي هلندو آهي يا اب مهراڻ جو سير ڪرائيندو آهي. مون کي نئون جوڙو وٺي ڏيندو آهي ۽ سڄي رات منهنجي خاطر تواضع ۾ گذاري ڇڏيندو آهي.“

”۽ هڪ منهنجو مڙس آهي.“ رضيه دل ئي دل ۾ وٽ کائيندي ”جهڙو ڍالي هلي. منهنجي هر ڳالهه تي ڪنڌ جهڪائي وارو. مارڻ ڪٽڻ ته وڏي ڳالهه ٿي، ڪڏهن اکيون ڦوڙي به نه ڏٺو اٿائين. گهوري ڏسڻ به نه ايندو اٿس. منٽو مرحوم جي ٺڌي گوشت جو ڪردار، سئنيما ۽ اب مهراڻ وٺي هلندو ته اهڙي طرح جيئن ڪو ڪتو پڇ لٽڪائيندو پنهنجي مالڪ جي پٺيان پٺيان هلندو. اڄ تائين اها خبر نه پئي آهي ته مڙس جي ڪاوڙ پنهنجي اندر ڪهڙيون خوبيون ڪهڙيون خاميون لڪائي ويٺي آهي.

"مزو اهي و ڻندو آ، مزو،" فرزانه ٻنهي ڳالهه جاري رکندي چيو "محبت ۾ لطف به تڏهن ايندو آهي، جڏهن ان ۾ ٿوري کٽي کوڙاڻ ۽ ملليل هجي. ۽ مڪان هٽندو ته ڇا ٿيو! ۽ هزار ڀيرا ٻه ته ڪندو آهي."

آخر ڪيستائين ٻڌندي فرزانه جون ڳالهيون. آخر انسان هئي. متاثر ٿيڻ لازمي هو. هڪ ڏينهن ٻچي ٿي ويٺي. "ڇگو اهو ته ٻڌائي، مڙس کي کاوڙ ڏيارڻ لاءِ ڪهڙي ترڪيب ڪجي؟"

فرزانه ٻنهي فتح تي مشڪي گردن جي جوٽ کي مزو وٺندي ڏيائيندي چيائين "ترڪيب، ترڪيب ڪجهه ناهي. مردن کي کاوڙ ته پنهنجو پاڻ ايندي آهي. ڳالهه ڳالهه ۾ ڇولف ڪمائي، اهو مرد ئي ناهي، جنهن کي کاوڙ نه ايندي هجي، منهنجي صلاح ته اها ئي ته ڪنهن ڊاڪٽر يا حڪيم سان صلاح مشورو ڪر."

"نه نه، ڪا اهڙي ڳالهه ته ڪونهي، جنهن لاءِ ڊاڪٽر يا حڪيم ڏي وڃڻو پوي. تون غلط ٿي سمجهين."

رضيه چيو "بس ايتري ڳالهه آ هن کي.... هن کي کاوڙ بلڪل ڪونه ٿي اچي."

"اها ته نشاني آ خطرناڪ مرض جي! سمجهه ته شروعات آهي. جي دوا دارون ڪري هاڻي ئي ڇڏائي وڌئيس ته ٺيڪ آ، نه ته پوءِ مٽي کي هٿ ڏيئي روئيندي رهه پنهنجي قسمت تي."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فرزانه هڪ ڳالهه ٻه ٻڌايس. هن جي ساهيڙيءَ جي ساهيڙيءَ جي نڻان جي سوٽ جي ماروٽ جي ڀڙس سان ٻه اهوئي وقعو ٿيو هو. ٻهراڻ ته ڄڳو ڀلو هو، ڏاڍو وڙهندو جهڳڙندو هو. ڳرين هيڻان آنا کڻندو هو، پر پوءِ هڪ حادثي ڪانپوءِ اوچتو زن مريد ٿي ويو. هر وقت گهر واريءَ جي خوشامد ۽ ٽهل ٽڪور ۾ رهڻ لڳو. نتيجو اهو نڪتو جو هن جي ساهيڙيءَ جي ساهيڙيءَ جي نڻان جي سوٽ جي ماروٽ پنهنجي گهر اچي ويٺي. ان ڪانپوءِ هن ڪيس داخل ڪيو. اڃا ڪورٽ ڪو فيصلو نه ڪيو آهي. پر خيال آ ته جلد ئي طلاق ملي ويندس.

رضيه اها ڳالهه ٻڌي ننهن چوٽيءَ تائين ڏڪي وئي هن جون حالتون به ڪجهڙو ٺيڪ نه هيون. پر ڏينهون پوءِ ڏينهن خراب کان خراب ٿينديون ٿي ويون. ائين ته ناهي جو هن جو مڙس به انهيءَ منزل ڏي قدم کڻي رهيو آهي "نه نه، اهڙي ڪا ڳالهه ڪوانهي. هن پنهنجو پاڻ کي تسلي ڏني"- اڄ ئي ڪوشش ڪندس ته بشير کي ڪاوڙ اچي!

بشير گهر آيو ته هوءَ پهريون ئي ٿوڪي ويٺي هئي. مڙس کي ڏسندي ئي هن کي گهور ڪري ڪڙڪو ڪيائين "نڪجي ٿي هوان سڄي گهر جو ڪم ڪري مون کان ڪونه. تو ڇجي تنهنجو اهو رڌ پچاءُ. بس پاڻ آ توکان. ٻيڻو منهن ڇو تو تڪين ڪلهن زبان مان

همدرديءَ جو لفظ نہ ٻڌڪرندس، نڙي ٻڇيس ڪا.“

ويچاريءَ کي ڪيڏي نہ اميد هئي تہ هاڻي بشير ڪار ڏيندو، شايد چنبو هئي. پر هو ڪُرندو ئي هن جي ڀاءُ ۾ وٺو. ”ناراض ڇو ٿو ٿئين، منهنجي جان.“ هن رضيہ جي ڳل تي هلڪو هٿ هڻي چيو ”ڪنهن نوڪرياڻيءَ جو بندوبست ڪر، سچ ۾ ڀي نازڪ هٿ انهيءَ قابل ناهن جو گهر جو ڪم ڪار ڪن.“

انهيءَ ڏينهن هوءَ ٻاڙي جي ڊاڪٽر وٽ پهتي.

”سائين، هن کي ڪاوڙ نہ ٿي اچي.“

”اها تہ ٻاڻ ذاڌي سٺي ڳالهہ آ.“

”پر مون ٻڌو آ تہ ڪنهن مرض جي نشاني آ.“

”ڪنهن چيو ئي.“

”بس اٿين ئي ڪنهن کان ٻڌو آ.“

هن چيو ”توهان اهو ٻڌايو تہ ڪاوڙ نہ اچڻ مرض آ يا نہ.“

”نہ.“

”تہ پوءِ ٻين ماڻهن کي ڪاوڙ ڇو ايندي آ.“

”ڏس محترمہ!“ ڊاڪٽر سمجهائڻ لڳو، ”ڪاوڙ ايندي آ رت جي گهٽتائيءَ سبب. تندرست ماڻهن کي گهٽ ڪاوڙ ايندي آ. ان جي مقابلي ۾ توهان ڏسندءِ تہ ڪمزور، سنهڙن ماڻهن کي ڪاوڙ گهڻي ايندي آهي. ذري ذري تي وڙهڻ لاءِ تيار.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ هوءَ ڊاڪٽر جي ڳالهين تي نه خوش ٿي ۽
نه وري مطمئن. مرد ڇا ڄاڻن ڪنهن عورت جي دل
جو حال. آخر فرزانه جو مڙس به ته ڪهڙو ڏکيو قداور
مٺو ڪٿو آهي. اهو ڪيئن ٿو چئي سگهجي ته هن ۾
رت جي گهٽتائي آهي. پوءِ ان ڪي ڇو ٿي ڪاوڙ اچي.
ٻئي ڏينهن هوءَ ليڊي ڊاڪٽر سان ملي. عورت ذات
هوندي به هوءَ هن جي دل جي درد کي نه سمجهي سگهي.
ٻهريون ته هڪ ٻن مرضن جي باري ۾ سوال پڇيائين ۽
آخر مطمئن ڏيندي چيائينس، "پريشاني جي ڪا ڳالهه
ڪونهي تنهنجو مڙس بلڪل ٺيڪ آ."
"ٺيڪ آ ته پوءِ هن کي ڪاوڙ ڇو نه ٿي اچي."
"سرد مزاجيءَ سبب" ليڊي ڊاڪٽر چيس، "شايد
هن جي قوت برداشت سٺي آهي."
مايوس ۽ نامراد ٿي هوءَ ليڊي ڊاڪٽر وٽان واپس
موٽي آئي. هاڻي وري هڪ فرزانه ٿي هئي جا هن جي
مدد ڪري ٿي سگهي ۽ هن کي اهڙيون ترڪيبون
ٻڌائي ٿي، سگهي جنهن جي روشنيءَ ۾ هوءَ پنهنجي
مرده مڙس جي مرده جسم ۾ ڪجهه حرارت پيدا ڪري
سگهي.
فرزانه جي صلاح تي هن بشير کي ڏاڍيون گرم گرم
شيون کارايون پر ته به هن جو مزاج بدستور سرد ئي
رهيو. نيٺ پوءِ هن ڪڏهن سڙيل ساني کارايس ته ڪڏهن
بنا لوڻ جي پوڙ. پر مجال آ جو هو هڪ لفظ به شڪايت

لاءِ لڪ من جي ڳنڍن تي ھٿيا ھڻندي چيو. ”بورچيخاني
۾ جو ڊيگ سڄو ئي آ ٿانون جو، اھي سڀ سون کي
ني ٿوڻا آھن. تنھنجي لاءِ ڪو سري يا ٻچي ڪا پرواھ
ڪونھي.“

دھڪا ٿيا، مارڪٽ جو آواز آئيو. فرزانه ضبط نه
ڪري سگھي. ٽڪڙي ٽڪڙي ڇت تان ھيٺ لٿي ۽
رضيه جو در کڙڪايائين. رضيه در تي پھتي. وار کليل
ڇڙوڇڙ نيل ڳاڙھيون لال اکيون، ڪاوڙ ۾ ڏڪندڙ جسم.

”ڏي خبر، ڪامياب رھي تنھنجي ترڪيب“ فرزانه
مشڪندي پڇيو ”ڏيکار ڪاٿي ماريئه مڙسھن“

”ماريو!“ رضيه پنھنجي رڙ جھليندي چيو، ”نورو
ھيڏي ڏس بورچيخاني ۾. ڪھڙي نه مزي سان ويٺو
ٿانو ٿو صفا ڪري.“

(اوھنري تان ماخوذ)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# فنڪار

”اوه! ....... هيڏي، ........ ٻڌ ته!“

”........ ـــــ“

”ٻڌين نه ٿو، توکي ئي آهيان.“

”اهو ته مان به سمجهان ٿو ته منهنجي ئي مغز جو سور آهين.“

”ڇڱو ڀلا، نه ٻڌ ڪلي. وڏائي ته ڏس مڙد جي.“

”اڙي مغز ته توئي ٻولو ڪيو آهي! مسائهو آن ها س چتو.“

”باهه ڏيانءِ، مان ڇوتي مغز ٻولو ڪيانءِ. تنهن جو آ پنهنجو مغز خراب.“

”باهه ته ڏين به ڪونه ٿي. هڪ منو سڙي ته وڃدس،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

باقي تومان ته جند چٽي پوندي.“

”چگو هل يلا، جيئن تو کي ايلاز ڪجن تيئن شيڪو وڏيڪ ڪرين.“

”ها......“

”ها نه ڦتڙتان. مان چاٽي چوان؟ نه ٻڌندين ني!“

”تون ٻه ڪٿي ٻڌاء. باقي ايڏي پٽاڻ چاجي؟“

”تون هج پنهنجي لکڻ ۾. منهن ايڏنهن. باقي مان هرو پرو ڪٿي وانگر ٻونڪان.“

”چو اج هرو پرو پونڪڻ جو خيال نٿي چا. پونڪڻ سان گڏ چڪ ٻه پائيندينء!“

”چتو ته ٺيو آهين. ڏاڙهين ته پاڻ تو. مان چڪ چڪ پائيندس. باقي مان چوانء تي، جڏي تڏي ڪتي نه چوندو ڪر.“

”مان ڪڏهن تو چوان. تو پاڻ ئي نه چيو.“

”مان چوندي مانء ته باهه لڳندء.“

”چگو پلا توڏي منهن آ. وچي ڪڏهن پٺي لکڻ.“

”نه نه. ماڏي منهن نه ڪر ته اجايو چڪ نه وجهانء.“

”خير چڪ ته مان ٻه نه وجهڻ ڏيندو سانء. هي پيو ناهي سوئو. هٿانء ڪاڪڙي ۾.“

”ڏند شيڪي ناسان نه ڪنڊير. هاڻي وري ماڻهو تو سمجهين پاڻ کي.“

”چو، تون پاڻ کي گڏهه تي سمجهين چا؟“

”گڏهه آهين تون. مان چو آهيان.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”پوءِ نہ تون پڪي ڳُڏھ ٿينءُ.“

”مان چوانءِ تي گهٽو مغز نہ هئہ.“

”مان لانوُن رات ئي مغز ڪٽي گهٽو پڇتايو آ.“

”ڏند نہ ٿيڙ.عجبي چڙو ٻڪ ٺڪ.جي اهو وات

نہ عجبئي تہ جيڪر ڏڪو نہ نہ لهين.“

”چڱو هاٿي ٻڏاءِ ڇا پيٺي چيٺ؟ هونئن ٻہ

جيستائين مغز ۽ سور نہ وڃهين تہ ڪو مڙندينءُ.“

”ڪير ٿو توکي مغز ۽ سور وڃهي. توکي ٻڏائي

وري بي عزتو ٿوروڻي ٿيٺو آ.“

”هاڻ چڏ نخرو. ٻڏاءِ نہ ڪٺي.“

”وسان ڪير نخرو ڪندو. تون ٿو ڪنهن جو

نخرو سهين.“

”تو پياريءُ جو تہ نخرو سهندس. باقي بين جو

نہ نيڪو ٿوروئي ڪنيو اٿم.“

”نہ نہ، اها چاپلوسي نہ ڪر. سڄاڻان ٿي توکي.

تون رڳو پنهنجي مطلب جو آهين.“

”ڏس، هاٿي وري اٿين ٿي چوين نہ، ٻڏاءِ،

چڏ ٺڌ.“

”منهن جي ...........“

”ڇا تنهن جي ..............“

”اڄ رسالو ڏنئہ؟“

”ءِ ان ۾ تنهنجي ڪهاڻي ....“

”ها، اها پڙهيئہ“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”ها پڙهي اٿم.“
”ٻوءِ وٽيٺم.“
”ها.“
”سٺي هئي.“
”سٺي هئي.“
”ڏاڍي سٺي.“
”ها ڏاڍي سٺي.“
”الا ٻڌاءِ نه، سٺي هئي نه.“
”چوان ته تو ته سٺي هئي. پيو ڪيئن چوان.“
”چڱيءَ طرح ٻڌاءِ نه.“
”پيو ڪيئن چڱيءَ طرح ٻڌايان. پلا ڪٿان قرآن رکيو ٿي.“
”هاڻي هونئن به الائي ڇو تو ڪي ساڙ ٿيندو آ. ڪهاڻيءَ جي ڳالهه ڪريس ته ڇڙ ڏنگ ٿو لڳيس. سٺيئن منهنجي ساڻ ته ورندي ئي نه ڏي.“
”جاني ٻه، ڇو نه ساڙ ٿيندو. لکين ٻه ته غضب جو ٿي نه. تنهنجي ڇا ڳالهه ڪجي، باهه ٻاري ڇڏي ٿي ادبي دنيا ۾. پڙهندڙ ته ڇا، لکندڙ به بيهوش ٿي ٿا وڃن.“
”آئيڙ نه ساڳيءَ ڳالهه تي. تنهنجي ڪهاڻين جي به خبر آهي. ڏاڍيون مور هونديون آهن.“
”منهنجي ڪهاڻين ڪي نه وجهه ڪڏ ۾. باقي تون به چوندي هوندينءَ ته مان به ڪهاڻيڪار آهيان. رکندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

...ون آهين، شرم ماڪي ايترو آهي."

"نه نه! مهانجو ڏسو ڪڻائين وارو. ماڪي ته عجب آهي، اهي رسالا وارا بہ ڪي ٿورڙا آهن جو تنهنجيون ڪهاڻيون ڇپا ڇاپين. پر هتي ڏي نه ڪو ڏوهه ڪونهي. هيرين پئي چنڊڙي جو پوندو هوندين."

"ايلاز ته جيڪي مان ڪيا، پر اصل ۾ تنهنجي ڏي ڇپا چاپين، نـه ويچارو سنڌ جي هڪ وڏي ڪهاڻيڪار جو مرض آهي، هجي ان تي تورڙن آهن ته؟"

"ٻيو نه ته ڇا، توکي نيڪي ڪير."

"پئي آ، باقي سائينءَ جن ڪاڏ ته ايلاز ڪري وٺي ويندا آهن!"

"ڏنم پاڻ. آيو ڪو نه ڪنهن مائيو."

"شايد ان ڪي رسالي بند ڪرڻ جو شوق آهي، جو تنهنجيون ڪهاڻيون تو ايلاز ڪري ڇڏي."

"وڃ پيٽان. توکان به وٺي."

"نه نه تون ته موپاسان ۽ هيٺري سمرسٽ جي سـ ڏاڏي آهين."

"۽ تون وري پاڻ کي ڪاٿي ڊڪنس ۽ برنرڊ شا ٿي جو بلو ٿو سمجهين."

"نه جاني! تون ته خوف ۽ دهشت جي ڪهاڻين لکڻ ۾ برام اسٽوڪر کان به اڳتي وڌي ويئي آهين. اها به خبر نه هوندءِ، ته ڪاڻ ڊائل ڪيٿون جو هو."

"بس تون ڪي ٿي خبر آ. آمريڪا جو هو، پيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيرو ٿو جلي. اڃي ڦڙوي پئي ٿي.”

“اها به خبر نه ٿي ته جي مون سندس خيال نه ڪن ته تنهنجي پٺن کي وڃي ناس واري ڏيت ڦڪي ڪري اچن. پر مان ڳالهه ڪيئين ونو آهيان. اتي منن کي تنهن جون ڪهاڻيون ٻڌائي ڇڏيان. ته هي وري تنهنجي جاڙي عمر جي ڏيت ڏيئو ڇني ۽ رڃيلا وڃان ته وڃان ڪاڏي.”

“مهرباني سائين مهرباني. اها منڪي ته رڪ ٻان کي خبر ڪرڻ ڀئي ۽ وري سنهجون ڪهاڻيون ٿو ٻڌائي.”

“چڱو ٻڌائي وٺاسين. ڪهڙي ڳالهه ڪاٿي جو توسان ٻلاٿڻ اٽڪيو.”

“توکي ڪنهن ڪيو ته منهنجي قسمت ڇڏي هئي جو تو ٻارڪ پٺي مان شادي ٿي.”

“جي، سائين ۽ ٻانهن ڪان نه وٺو.”

“انهن توکي ڇا ڪيو آ؟”

“ماکي وري ڇا ڪندين. پر شيطان ويچاري کي ته ڏڪ ڏيئو ڇاٿون ته.”

“وڏو شيطان ته تون آهين.”

“ايئن ٿي سهي. پر ويچارو شيطان ته اڪيلو ٻاڙو مان ٿي استعفا ڏئي ويو آهي. جيسائين ٻاٽيهو جهوڙو آهي، شيطان کي مجال آهي جو ڪنهن ٻڌو نه ڇڏي.”

“تنهنجيون پنهنجيون ته ڳالهيون آهن ته....



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

منهنجي زاري، شيطان جون به ڏاڍيون."

"پر شيطان ته پاڻ نانهن جو مريد آهي."

"تو کي ته الائي ڪهڙا آمرڻ ڏنا اٿس. مٺا انهن ني ته سڙيو ويٺو آهين."

"ماکي وڙي چيا ڪندي، تنهنجو خيال تو ٿئي."

"چڱو، چڱو. الله ڪي مسيح منهنجو خيال نه ڪندو ڪر."

"ڪيئن نه خيال ڪريان. منهنجيءَ بيماريءَ تي هر وقت ڦوڪڻي وانگر ڦوڪيل هجي ۽ ماڻ پيءُ نه ڦاڙيانس."

"پيءُ وٽي پنهنجين جو چو نٿو ڦاڙين. پر ٻڌندو وچين نه. مان چوندي سانءِ ته ڪاوڙ لڳندءِ."

"چو نه ڪاوڙ لڳندي. تون چئين ۽ ماکي ڪاوڙ نه لڳي. آخر تو ڪيو چائس. اهوئي نه، ته تو هنڪي منهنجي پاسي جي دلالي ڪاٺ جو مونعو نه ڏنو."

"دلالي ڪائيندبون آهن تنهنجيون. اجايو تپائـ ،نه."

"تون نٿو توروئي آهين جو مان ويٺو تپايانءِ. پر تونئي چيو هو نه، ته اها ناني ناهين، ڪا دشمن آهي. منهنجا ته ڪي اندر ۾ ساڙ اٿس. چوندي آهي ته 'ٻاهر لڳي ڪهاڻين ڪي، چوڪري الائي ڇا تي ڇتي ٿي. الائي ڇا لڌائين ان ٻولي ناسن ڦاتوڙي ۾' ۽ پوءِ ڪلي مچيو هيٺ ته اصل ۾ هن جي دلالي هلي ويئي. اديءَ جي شاديءَ جي وچ ۾ پٽي ٻارهن سئو مٺون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هي ڏني هئي."

"مٺا ڪا مار پوندءِ. خدا جو شڪر ـــ تنهنجي

ڪنهن ته تو ڪجهه ڪيو. پڙهڻ به ڪا ٽڪس ٿي."

"مار پوي ماڻهين کي. ماکي جو پٽي."

"آن ورن ڪجهه ڏنيپ ڏنا ٿي. انعام تنهنجو

ڪهڙو واسطو. تڪ ته هٿي ڪيرڪي، وڏائي تو ڪئين."

"هڙي ويچاري ٿڻس (ٿس) ڏاڍي. جيڪي اچي ته

پڙي ڳالهه ۾ مڪي پاڻ ڏيکاريائين."

"پنهنجي ماءُ کي جو تو مڪو پاڻ ڏيکاريو."

"آها ماڻهين وانگر وات وجهندي آ ڇا؟ هر

وقت ڏس ته پيٽان جتي ڪتي وانگر پيٽي رڙيون

ڪندي، سيجاڻي ۾ ڪو تنهنجو ٿس لائي ٿي. شرافت

ماڻ ته سمجهي ئي ڪونه."

"آيو ويچارو وڏو شرافت وارو. غيرت هجئي ته جيڪر

ٻڏي مرين. ان ڳالهه ۾ ٿيڪ لائي پيو ڇا ڪري. هو

ڪي ته تو وانگر ابتو جل پيچ ته موٽندو آهي."

"ماڻهين وات هڻين ته ٿوب پر، باقي اسان صحيح

ڳالهه ڪيون ته به ڳناهه. ياد رک. ان وات ڪڻو ڪان

ڪڏهن آندا ڪيڍي ڇڏيندو سائين."

"مٺا آندا ڪڍ پنهنجا. توکي ته ڪي ان جا اثر

۾ قت آهن. پلا پيو توکي ڪري ڇا."

"پوءِ پلا مري جو نٿي."

"توني ڪهڙو بار آهي. ڪڙ توکي ڪو ابداءُ،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏنو اٿائين.“

”ان ڪان اڳ ان وقت ڪو به اهڙو، جو منهنجي سهري جو ڪٿي جهڙو مان نه ٿي ڪري.“

”توکي ڏاڍو ڏنائين ڇا. ٻيو ڇا. چڱو ٿيو ٻئي ڏينهن ڏ ٽنهنجي هٿانو ٿي مگ ڏهندي.“

”منهنجي هٿانو ٿي مگ ڏري ته مان چوڙي ڏيانس.“

”مٺا مرڻ به ٿيو. ڪيڏو ٿورو ٿي.“

”مان ڇو مران، اهڙي ٽڪر ٿي ته تون ٿي ڪٿي مر. ٻر ماءُ ۽ نانيءَ کي نه وسارجانءِ. انهن کي ته ڪڏ ماريون وڃجانءِ ته مهرباني ٿيندي.“

”ها، ها توکان ته مرڻ ٿي پلو آ.“

”ٻوءِ مرڻ ڇو ٿي. ڪنهن جهليو ٿي ڇا؟ چوندي ته آهين ته فنڪار حساس دل ٿيندا آهن، ٻوءِ اڄان ڇو دير ڪئي ٿي. ڏيکار نه وڃاڻ جو ڪم ته مڃون ته واقعي فنڪار حساس دل آهن.“

”الله مارينندو ته لهندءَ اهو به هيانو جو ٿور.“

”الله ڇو توکي ماري. تون پاڻ مر ته خبر پئي.“

”پهريون ڪيئن چوندو مئين ته جي تون مئين ته مان منت به جيئرو نه رهي سگهندس ۽ هاڻي مر ته جان ڇٽي. الله ڪندو پوري ٿيندءِ اها مراد به.“

”مونٽن وري ٻي ڪهڙي مراد پوري ٿي آهي. نه نانيهن ٿي مري نه وري ماڻهين. هڪ ڳالهه ته تون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

به ڪر نه. پاڻ کي مار يا انهن کي مار."

"انهن ته وڏا سور ڏنا ٿسي. هر ڪاڏي ويسون نينهنجيون آهي ڳالهيون ته مون کان سواءِ تو کي مزوئي نتو اچي."

"ماکي ڪهڙي خبر ته تون ڪو اهڙو روڳ ٻڌينءَ. آهي ڳالهيون ويون تنهنجي ڪهاڻين جي ڳوڙ ۾. ماکي ڪهڙي خبر تہ تون منهنجي ميچالي جي چرپي سڪاڻي ڇڏيندينءَ."

"منهنجي ڪهاڻيز ۾ تہ ڳوبا آهن، پر تنهنجي ڪهاڻين ۾ ته گلاب جا گل آهن نه."

"بيو نه ته چا. رات جو بہ منهنجي بانهن کسي بنهنجي ڪهاڻي سمجهي ڳوبا تنيندي آهين. الائي ڪهڙو مرض ٿي اهو."

"اسان ته توسان ڪونه بچي سگهنداسين، مٺا ڪو خدا بچندءِ"

"مان پکو توروئي ٿو وچان جو خدا بچي - بر تو اهو ميڪڙ چو شروع ڪيو."

"ها ها، تو کي ڪهڙي پرواهه."

"پلا بيهر لانوان توروئي ٿو لهان، جو وڙي اهو ميڪڙ شروع ڪيو ٿي. بس ڪر ته سچ پچ بڏايانءِ."

"نتو گهرجي تنهنجو اهو سچ."

"ڊڄ ته مڙئي بتايو مانءِ پياري. تنهنجي ڪهاڻي ته واقعي لاجواب هئي. پوائني منظرڪشي تہ اهڙي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪٿي ٿي جو مان ٿي ڀيريون سمجهيم ته تو شايد سڊني
هاربــر جي ڪنهن ناول تان نقل ڪيو آهي. پر ڪري
ڪمال ڇڏيو ٿي. پلاٽ به واهه جو ورتو ٿي. ان لاءِ
جيتري تنهنجي ساراهه ڪجي، اوتري ٿوري آهي.“
”اهائي ته ڳالهه ٻڌايانءِ پئي ٿي. هرڪو ٿو چئي
ته تو ڪنهن جو خيال ۽ منظرڪشي چورائــي آهي.
پر تون پاڻ ٿي انصاف ڪر.“
”واقعي ڪري ڪمال ڇڏيو ٿي.“
”پر ان ڪان وڌيڪ تــه هيءَ ڪهاڻي آهي. اها
پڙهندين ته اڃا وڌيڪ حيران ٿي ويندين، اچي ڏس.“
”ڇگو پوءِ ڏسان ٿو.“
”نه نه هاڻي ڏس، لکجانءِ ڪٿي پوءِ ٿي.“
”اڃا چوندي آهين ته ڪاوڙجين ڇو ٿو.“
”ڀلا ڇا ٿيندءِ جهٽ ڏسڻ ۾.“
”جائي ٻائي مٽي جو سور آهين ڪو. تومان تــه
قيامت تائين جان نه ڇٽندي.“
”ڏس وري اچي وئين نه اُنهيءَ رڳ تي.“
”ٻيو وري ڇا، نــه تنهنجيون ڪهاڻيون ڪنديون
نه مغز جو ويڳ ٿي ويندو.“
”پوءِ ماڪي به ڪجهه نه چئجانءِ........“
”خدا ڪي مڃ روءُ نه، گهڙيءَ گهڙيءَ اهو ميڪڻ
ڪونه ٿو وٺي. ميڪڻ ته اچي ڪو سستو ٿيو آهي.
اڄ ڪاڻ پوءِ مان پنهنجي ئالي ڪهائيون لکڻ ٿي بس

ڪيون. لکندس ته ڪٿي ته تنهنجي نالي تي، پوءِ ته ويڳ ختم ٿيندو يا نه؟“

”ڪاوڙجين نه جلد....“

”نه نه سچ ٿو چوان. هاڻي ڪهاڻين تي تنهنجو ئي نالو هوندو. مان پهرين ئي سوچيو هو. ڪاوڙجي نه ڪا ڳالهه ئي ڪانهي.“

”سچ ٿو چئين.... ڪن....“

”ها بلڪل سچ. قسم تي سچ.“

”ته پوءِ مان وري شاعري ڪندس.“

”نه نه الله ڪري سچ، اها شاعري به مان ئي ڪندس ۽ نالو تنهنجو هئندس. تون رکجو چپ چاپ منهنجي اڳئون ويٺي رهجاءِ.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ١٠. ٻيو سنڌو ومنڌو رهيو

”امان - امان“ منور پنهنجي ٻاتي زبان ۾ چيو ”ادا عزيز آهي ني ۽ هو ٻالو پنجابي آهي نــه. اهــي ٻئي وڙهي پيا آهن.“

”اڇي تـه خبر ٿـي وئـانس. روز روز ويـڙهـانـد، شرم ئي ڪونه.“

”امان، ڇمي وڙهندا ڇو آهن“ منور پڇيو. هنجي سوال ۾ عجيب معصوميت هئي.

”ڏوڙ پـوبـن منهن ۾. چريا ٿيندا آهـن.“ ماٺس ڪاوڙ ۾ چيو.

”چريا ــــ!“ منور بي سمجهيءَ وچان پنهنجي چپن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ پنڪيو ۽ پنهنجي ماءُ جو منهن تڪڻ لڳو. ٿوريءَ دير ۾ عزيز رت ڳاڙيندو گهر ۾ داخل ٿيو. هن جو سجو منهن رت ۾ ٻڏل هو. منور هن کي ڏسي ٻاهر ويو ۽ ماءُ کي چنبڙي پيو. ”امان چريو....!“

هن جي ماءُ هن کي ڇاتيءَ سان لاتو ۽ هن جي اکين ۾ لڙڪ تري آيا.

”امان، مان چريو نه ٿيندس.“

”امان، مان وڏو هندوستان ۾ به نه.“

”نه ابا. وڏ ڦندا ڪتا آهن، ماڻهو ٿورڙئي وڏ ڦندا آهن.“

پهريون ته هو ڪاوڙ ۾ وٺي هٽي. ٻر ٻوءِ اتي ۽ عزيز جي رت اڳهي، هنجي ڏڪ تي پتي ٻڌي ڇڏيائين.

”ڇيو ٿي ماني ته ان حرامي ڦر سان نه ڪيڏندو ڪر.“

” امان ڳاريون جو ٻي ڏني.“

”ابا ڳارين ۾ ڇا ٿيندو. وڃي ڏوڙ پائي. ڳاريون لڳي ٿورڙئي پونديون.“

”مونکي ٿورڙئي.“

”تڏهن ڪنهن کي؟“

”امان سيني کي ا ه ن! ڇٽي پيو ته توهان سڀئي حرامي آهيو، توهان سڀئي چور آهيو، توهان سڀئي ذاڙيل آهيو.... ۽ بيون ڳاريون به ڏني پيو.“

هو چپ ٿي ويٺي ۽ وهندڙ ڳوڙهن کي رئي جي پلاند سان اگهي ڇڏيائين. منور هنجي گود ۾ هو هن منور کي نرڙ تي چمي ڏني سمهاري ڇڏيو ۽ هو ماءُ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جـي جهولـيءَ ۾ انهن سمورن پيو، جـن ڌڪڻ کـان اوجاڳيل هـو.

جيتوڻيڪ هنن جو گهر سڪيو ستابو هو، پر پوءِ به ٻيءَ جي مرڻ کان پوءِ هنن جي جـڏ ميڻس ٿـي مري وئي هئي.

هو اهڙي پاڙي ۾ هتا جتي پنجابي، مهاجـرن جو تعداد گهڻو هو. هونئن به پنجابين جـو اچـڻ هنن لاءِ اصل نياڳ ثابت ٿيو. ڀهريون ته پڻس جيڪا ورهاڱي وقت ٽڏي ويل هندن کان ٿورا ڪي گهڻا پيسا ڀري زمين ورتي هئي، سا اچڻ سان هنن اها ڪليم ۾ ورتي. ۽ اهڙي طرح هنن جو جڻ الهو تلهو نڪري ويو هو. هو مائٽو هئا ته معزز، پر پوءِ هاڻي ته روز بروز ٻارن جا جهيڙا پيا ٿيندا هئا. ٻـار اصل نڪري ساهه نـه ڪندا هئا.

مائٽس جي هٿ ۾ چا هو. هوءَ رن زال. هڪ ڀيري ڌڪڻ جي گهر وئي هئي. پـر سمجهيو هئائين تـه ڪيس نه گاريون مليون هيون. ان کان پوءِ اهو روز جو معمول ٿي ويو هو.

.... .... .... ....

رات جو وقت هو. هر طرف خاموشيءَ سان گـڏ اونده ڇانيل هئي. پرهه ڦٽيءَ جو وقت ويجهو هـو ۽ ٽوريءَ جهڙ کان پـوءِ پکي پکڻ اٿـي لاتيون لنوڻ وارا هئا. منور ماڻ جي پاسي ۾ سمهيو پيو هـو. هوءَ

اٿي ۽ هميشه جيئان ذڪر ۾ مشغول ٿي وئي. پرسان
ٿي ڪٽ تي عزيز ستو پيو هو. هن اٿي عزيز کي
پيار مان منهن تي هٿ گهمايو ۽ پوءِ آهستي آهستي
منور جي ٻچيءَ تي ٽڏڙا ڪيڏيندي دعائون ڏيندي رهي.
”شل جواني مائيو! شل آيڙا ٻيڙا تيو! شل گهوٽ
ٿيو! شل مان توهان جون مرادون ڏسي پوءِ مران
يا الله! منهنجي ٻچن کي ڪو ڪوسو واءُ نه لڳي!“
اوچتو منور رڙ ڪري ٽپ ڏئي اٿي ويٺو. ماءُ
ڇرڪ پريو. هن کي ڀيڄڙو ٿيو هو. هُو ماءُ جي هنج
۾ لڪي پيو. هنجي ماءُ کي ڇڻ ڪو وڏو ڌڪ لڳو
هجي. ڪٽي پاڪر ۾ ڪيائينس. هو سڏڪا پري رهيو
هو ۽ هوءَ پرچائي رهي هيس.
”ڇو ابا. ڇا ٿيو؟ بس ني ابا. خواب ڏٺئه؟“
”ها...“ هن سڏڪندي چيو ۽ وري هن جو آواز
سڏڪن ۾ گم ٿي ويو.
”پوءِ ڇا ٿيو ابا. ڇگو هاڻي سمهي پئه. مان دم
ٿي ڪيائين.“
”پر امان.... تون نه ڇري ٿي آهين ۽ توکي اڄ
به لڳي هئي. اڄ به ٻاٽيءَ جي نه....“ هو وري ٻڇي
ويو ۽ ماءُ جي هنج ۾ اڃا به وڌيڪ لڪي پيو. ”امان
تو مون ڪان رت گهري ۽ ٻنيان سهنجي ٻاءُ عزيز
کي خنجر لڳو. تو ان جي وهندڙ رت پنهنجي ٻڪ
سان پي ورتي ۽ سيني سان به لاتي. امان ائين ڇو؟

.... ھان امان !...“

”ٻڌاءِ ني امان، ائين ڇو....؟“

”امان، پوءِ ھڪ ٻي جھوز ڪراڙي مائي، اکين ۾ بانم ٿي ٻريس، ظاهر ٿي. ھن مونکي پنھنجي سيني ني رت لائڻ لاءِ چيو. مونکي اچي ڏپ ورتو، پڇڻ تي ھوس تہ چيائين: مون کي ڇڏي ڪاڏي ويندين منھنجا ھوشو پٽ. پوءِ ھڪ ٻيو خنجر بہ ظاھر ٿيو....“

”ابا خواب سچا ڪونہ ٿيندا آھن. اجايو نہ روءُ“ مائس ھنجي ڳالھہ اٿ ۾ ڪٽيندي چيو.

”اسڪول ۾ سائين چوندو آھي تہ ڪي خواب سچا بہ ٿيندا آھن.“ منور سڏڪو ڀري چيو، ”پر امان جي سچو نڪتو تہ.......“

۽ پوءِ هو ماءُ جي سيني تي ڪنڌ رکي روئڻ لڳو. ھنجي ماءُ جا ڳوڙھا بہ وھي ڌرتيءَ تي ڪرندا رھيا. ڌرتي ماتا انهن ڳوڙھن کي جذب ڪندي وئي. ڇو تہ ھوءَ اڃايل ھئي، اساٽيل ھئي، اريجيل ھئي، ڪرندڙ ڳوڙھا ھنجي اڃ اجھائڻ ۾ ناڪام ٿي رھيا. وري بہ ساڳئي ھنڌ تي خشڪيءَ جا نشان ھئا. دور افق تي ھلڪي روشني پنھنجا پر پکيڙي رھي ھئي. رات جو راڄ ختم ٿي ويو. ھوا جو ھڪ مٺو جھونڪو آيو ۽ ٻکي پنھنجي مٺي ننڊ ڇڏي مٺو ٻولڻ لڳا. دور آسمان تي ڪو رھيل ستارو ڪريو ۽ آخري لاٽ ڏاھيندو گم ٿي ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

.... .... .... ....

ان ڳالهه کي گهڻو وقت گذري ويو. منور هاڻي ڪاليج ۾ پڙهندو هو. سندس سوٽ شاهده بہ ساڳئي درجي ۾ ڪاليج پڙهندي هئي. ننڍپڻ کان وٺي جو هو گڏ کيڏندا هئا، تنهنڪري هو اچا تائين هڪ ٻئي جي گهر ايندا هئا. ڪاليج ۾ پڙهندي هنن قومي تحريڪ کان چڱيءَ طرح واقف ٿي چڪا هئا ۽ ٻئي پنهنجي پنهنجي ڪاليج ۾ سنڌي حقن واري تحريڪ ۾ حصو وٺندا هئا. اڄ بہ منور شاهده جي گهر آيو هو.

”شاهده-“

”ها ٻيو ٻي. ڪهڙن خيالن ۾ آهين؟“

”ڪجهه ناهي.“

”پوءِ ڀلا چپ چو آهين.“

”بس سوچيان ٿي تہ تنهنجو منهنجو ڪهڙو ڳانڍاپو.“

”ڪهڙو ڳانڍاپو!“ منور کان ٽهڪ نڪري ويو.

”چري تنهنجو منهنجو رشتو ازل کان آهي. تون تہ منهنجي من جي سونهن آهين.“

”سونهن تہ آهيان، پر چري تہ ڪونہ آهيان ني! چريءَ کان تہ رت وهندي آهي.“

ٻئي کلي ويٺا.

شاهده منور کي رکي رکي چيو ”هڪ ڳالهه چوانءِ.“

”تون هزار ڳالهيون چوءُ، هڪ چو؟“

هوءَ وري چپ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”چوءِ نه پلا. آهي ڇا؟“

”تون مونکي.... ڇڏيندين ته نه....“

”هڪ شرط تي.“

شاهده ڪان ڇرڪ نڪري ويو. ڇڻ اوچتو وڄون رنگ هنيون هجيس. هن ڪوماڻيل اکين سان منور ڏي ڏٺو، جنهن ۾ هزارين سوال ڪٺ ڪنيو بيٺا هئا.

”ڪهڙي شرط تي“ هن ٿتل آواز ۾ ڇيو.

”جي ڇري نه تين ته پوءِ.“ ۽ هو ٽهڪ ڏئي کلي ويٺو ۽ هن جي ڇهري کي پنهنجي هٿن ۾ کڻي جهليو.

”ڇڏ پري ٿي. ڏس ته دل ئي ڏڪائي ڇڏي هيئه.“

۽ هوءِ پنهنجو سندر مکڙ منور جي سيني تي رکي آسيس ۾ ليٽي پئي ۽ منور هن جي مهڪندڙ مکڙي کي ڏسي اسمان ۾ بيٺل چنڊ تي نظر وڌي. هي خوش هو ته اڄ هن جي گود ۾ به چنڊ هو. ٿوريءَ جهٽ ۾ آسمان جو چنڊ منور جي چنڊ جو تاب نه سهي، ڪڪرن جي اوٽ تي ويو ۽ هن پنهنجي چنڊ کي زلفن جي گهٽا اوٽ ڪري ڇڏي.

اوچتو شاهده ڇڻ ڪنهن سندر سپني مان ڇرڪ پري اٿي. هن جي منهن تي زلفن جي گهٽا هئي. هن جهٽڪو ڏئي پنهنجي رخ تان زلفن کي هٽائي ڇڏيو. ان وقت منور جي ذهن ۾ اهو راز ڇتو ٿي ويو ته چنڊ ڪڪرن جي اوٽ مان ڪيئن ظاهر ٿيندو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن کي اڄ محسوس ٿيو هو تہ چنڊ تڏهن ٿـو سيٺو لڳي جڏهن پنهنجي من ۾ بہ ڪو چنڊ ايريل هجي.

”شاهده.“

”هون.“

”تون منهنجو چنڊ آهين.“

”سچ!“

”ها سچ. هميشہ لاءِ سچ. اها ٻي ڳالهہ آهي، جو تون مون کي ٿڌڙيءَ ٿڌڙيءَ منيءَ روشني ڏيڻ کان منهن موڙي ڇڏين.“

شاهده جون اکيون ڇڻ ڪنهن بار سبب جهڪي ويون ۽ جڏهن مٿي کڄيون تہ پنبڻين ۾ آلاڻ ۽ چمڪ ظاهر هئي.

”تون منهنجو سچ آهين.“ شاهده هن جي ڪلهي تي ڪنڌ رکندي چيو، ”تو کان سواءِ منهنجي ڪهڙي حيثيت منور. مان روشن ڏي تنهنجي ميلاپ ۾ آهيان، تون نہ هوندين تہ مان ڪاريءَ رات کان بہ وڌ ڪاري هوندس.“

منور جي دل ۾ هڪ ئي وقت هزارين جذبا جاڳي اٿيا، جن ۾ خوشيءَ جون لهرون سنڌوءَ جي ڇولين کان وڌيڪ هيون. هن ڪنڌ کڻي آسمان ڏي ڏٺو. چنڊ لهي چڪو هو. پر هن جو چنڊ هن جي گود ۾ موجود هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

.... .... .... ....

”امان، ادا ڪڏهن ايندو.“ منور پنهنجي ماءُ کان پڇيو.

”آچر تي اچڻ لاءِ لکيو اٿائين. تي ڏينهن موڪل به وٺي ايندو.“

هوءَ خوش هئي. هن کي پنهنجي پٽ جي مراد پوري ٿيندي ڏسي بي حد خوشي محسوس ٿي رهي هئي. هن جي دل جي تمنا خوشيءَ جي وڻ ۾ پڪي ميوي جيئان لڏي رهي هئي.

”شهناز ماءُ کي چيو اٿم، اچي ته مڱڻي جو به خنو لاهي ڇڏيندس.“

منور جي دل ڪنهن انجاتل خوشيءَ ۾ تري پئي. حسن شام جا ڀاڃيا لڙياٺي مس، ته هن جا پير به شاهده جي گهر ڏي لڙي ويا. هوءَ پنهن جي ڊرائينگ روم ۾ وينئي ڪو گيت گنگناري رهي هئي.

’جت ــ ست اڪ تپن سو ديس مسافر منهن جو ڙي‘

هن پٺؤن وڃي هن جي اکين تي هٿ رکيو، پر جلدئي هٿ ڇڪي عجب مان اکيون ڦري آيس.

”چو شاهده. اڄ تنهن جون اکيون آليون آهن؟“

هوءَ چپ. ڪنهن اُونهي خيال ۾ گم سم هئي. هن به هن کي ڏونڌاڙيندي چيو ”چو ڀلا تون ائين

آهين. تنهنجي چپن ني نه گيت هو ۽ وري ان سان گڏ مي ڳوڙها ڪهڙا؟“

”ڪجهه نه“ هن نڙيءَ ۾ ٽڪ اٽڪندي چيو. ”رات اهڙو خواب ڏٺو اٿم، جو دل نٿي جهلي سگهان.“

”بڇاء نيي، خواب تي به روئبو آهي. صفا ڪا ٻچڙي آهين.“

”روئڻ نه اسان جو مقدر آهي نه منور! تون روئڻ جو مهٽو نه ڏي، هي نه پاڻيءَ جا ڳوڙها ٿو ڏسين، پر اسان رت جا ڳوڙها به ڳاڙيا آهن.“

”چڱو چڏ، بڇاء خواب. حضرت عزرائيل نه نه ڏٺو جو ايڏو عيسيل آهين. دلجاء ڪر، مرنديءَ ڪونه.“

”اهو به چڱو، پر توکي به ڪو وقت ايندو جو تون به ڳوڙهن جي چولين هٺندڙ سمنڊکي روڪي نه سگهندين.

”ارغون آيا اسان رت جا ڳوڙها ڳاڙيا. دودي سر ڏنو، هوشوءَ رت ڏنو ۽ اسان اڄ تائين ڳوڙها ڏنا. مونکي پڻ ٿو ٿئي نه وري سنڌوءَ جو سينو گهوڙن ۽ گهوڙن جي رت سان نه رنگجي وڃي.“

”يلا پڙائيندينءَ به يا ائين پئي مغز هٽندينءَ. توکي نه رکيو هجن اهي پراٺيون ڳالهيون.“

”پراٺيون ڳالهيون!“ هن چپن ۾ پٽڪيو ۽ هڪ وڏو ڳوڙهو پنبڻيءَ مان نڪري هن جي ڳتي تي ڪريو ۽ وهندو هن جي وات ۾ پيو. ان وقت هن محسوس ڪيو نه رت ۽ ڳوڙهي ۾ ڪهڙو فرق آهي– فقط رنگ جوا– ٻنهي جو ذائقو نه ساڳيو آهي.

”امان بس ڪتاب سان ٿي مان اچ شام پوڻي ڇهين بجي
پيو گهر. جيڪو آهي ۽ شايد. ڪالهه به ڪالهه وٺي آ
ٿيون ڳالهيون ڇهين وڳي جا ڪيتريون.“ ۽ هوءِ
هن جي منهن ڏسي ڇهين سان لاڳاپو. ”ڏس
شاهده! بس ڪي پناهه ڪري. ڀلا سان تنهنجو پوڻ
ڪيترو سٺي سگهندس.“
منور جو آواز ٽهڪ گونجي ويو. ”پناهه شاهده.“
”مان دريا جي ڪپ تي بيٺي هئس.“ هن پنهنجو
خواب شروع ڪيو.
”واهه. مان نه دريا جي ڪپ لاءِ ٽهڪ آهيان.“
منور چيو. ”تنهن جا پاڪ چپ. مان نه ٽهڪي سگهي
آهيان. اهڙو ڪو پيو مزو.“
هن شاهده جي ڳالهه تي ڪجهه ڪيتري چيو. هوءِ
خاموش ٿي وئي ۽ ڪي مان هڪ وڏو گوڙهو ڳوڙها
ٽپڪو ڪري هيٺ ڪري پيو.
”ڏي وري روئي ويٺينءَ. مان بس ڪري.“
هوءِ چپ.
”لا مان توبهه ڪئي. وري ڪجهه به نه چوندس.“
هوءِ چپ. ڪنڌ هيٺ. ڳوڙهو ٽمڪيو.
”ڪجهه ڏس.“ هن ڪن جي پاڙيءَ تي هٿ رکيو.
هوءِ چپ.......
”تو کي سنتوءَ جو سوڳند آ.... ...
۽ شاهده هن جي وات تي هٿ رکيو.

”بس منور- مون ڪجهه نه ڏٺو، سواءِ رت جي ۽
رت ۾ گهوٽن ۽ لالن جي لهوءَ ۾ لڙهندڙ لاشن جي.
انهن لاشن ۾ هڪ لاش چاتل سڃاتل به هو. شايد
عزيز هو........“

هن جو ڳلو گهٽجي ويو هو. هوءَ وڌيڪ ڇٽي نه
سگهي. هن جي اکين جا بند ٽٽي پيا. هن رئي جي پلاند
کي وات ۾ وجهي زور سان چڪ پاتو. سامهون پٽ
تان ڪبوترن جو ولر اڏريو ۽ ڏونئيون ڪائيندو خوشيءَ
۾ اڏرندو ويو. هن حسرت ڀريون نظرون مٿي ڪڍي
انهيءَ ولر کي ڏٺو. پري کو نڪاءُ ٿيو ۽ هڪ
ڪبوتر ٻولاٽيون کائيندو هيٺ ڪريو. هن ڇپن ۾
پڪيو ”ويچارو ڪبوتر. امن جو پکي.“ ۽ سامهون
ڳيرو ڳيري ڳٽ ڳٽ ڪري رهيا هئا. ڳيريءَ پنهنجي
چهنب ڳيري جي پرن ۾ اڪائي ڇڏي ۽ هن پنهنجون
ٻانهون هن جي ڳچيءَ ۾ وجهي ڪنڌ ڪڍي هن جي
سيني تي رکيو.

.... .... .... ....

”اٿ ته ٻاهر هلون“ منور چيو.

”ٻاهر، ڇالاءِ؟“

”هت اوندهه ٿي لڳي.“

”جڏهن اندر ۾ ئي اوندهه آهي ته ٻاهر ڪهڙو
سوجهرو هوندو.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”اٺ نه، ڇڏ پڪائي.“ منور هن جي ٻانهن کان جهلي چيو.

هوءَ اٿي، پر هن جا پير ڳورا ٿي لڳا.

”وساري ڇڏ خواب کي. خواب جو به ڪو ابڙو خيال ڪبو آهي!“ منور چيو، ”ڏس هاڻي ڪل نسي. نٿي کلين؟ توکي تنهن جي سچ جو قسم. تـه به نـه کلندينءَ.“

هن جي چپن تي مرڪ تري آئي. پر اوپري، ڪوماڻيل. هن جون اکيون اڃان به خواب جي اثر کان آليون ٿي لڳيون. هن جون پنبڻيون ڪنهن نامعلوم خوف کان ٿي ڦرڪيون. هن جي دل ۾ سور ڪر موڙي اٿيا. هن کي پوءِ هيو ته شايد وري تاريخ پنهنجو دردناڪ افسانو ٻـڌائڻ لاءِ تيار ٿي وئي آهي! شايد وري ڏاڍ جا هٿ رت سان لال ٿيڻ وارا آهن.

”هاڻي هيڏي ڏس تـه ڳالهه ٻـڌايانءَ. متي ڪر نه اکيون.“

”تون ٻڌاءِ ته سهي. ڀلا منهن جي اکين ۾ ڳالهه آهي ڇا؟“

”اڙي، اها به ڪا ڳالهه آ. جي ڳالهه ناهي تـه ڇا ٿيو. مان تـه آهيان نه تنهنجي اکين ۾.“

”ڇڱو ٻڌاءِ ني.“

”ٻڌنديينءَ؟“

”ها ها، ٻڌندس. جنهن ڪا اهڙي ڳالهه اٿس. هوندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

همیشه جيئان بک."

"تہ ہوءِ مان نہ ٻڌائيندس."

"نہ ٻڌاءِ تہ ڀلا نہ ٻڌاءِ. وري ھڪو نخرو شروع ڪيو ٿي. ڏس تہ ٻاڻهي ايلاز ڪري ٿو ٻڌائين نہ. ٻر وري بہ چوانءِ ٿي تہ ھائي ٻڌاءِ. سائين ٻڌاءِ."

"تہ ٻڌ...."

"ھا چوءِ نہ. نڙيءَ ۾ اٽڪي پيئہ ڇا."

"مان ڪڏھن امان کي چوان." ھن آھستي چيو.

"ھل ڪنا" شاھده ٻري منھن ڪيو. ھن جي لال رخ تي لالاڻ ڦري آئي ۽ ھن انھيءَ لالاڻ کي پنھنجي ھٿن ۾ لڪائي ڇڏيو.

منور ٻري منھن ڪري ويھي رھيو. شاھده ٿيڏيءَ اک سان ھن کي ڏٺو ۽ ٻوءِ آھستي سري پنھنجو ڪنڌ ھن جي ڪلھي تي رکيو.

"چوندو جو آھين تہ اسان جو ازل کان ڳانڍاپو آھي."

"ٻر دنيا کي بہ تہ منھن ڏيکو آھي نہ. ادا جو مٽسو آچر جي شام جو ٿيندو."

"تہ ٻوءِ اسان جا لاش بہ جدا نہ ٿيندا منور."

۽ منور ھن جي سنئي تي سيئس نوائي اکيون ٻوڙي سپنن جو سير ڪرڻ لڳو، جتي رکو دلين جو ميلاپ ئي ميلاپ ھوندو آھي، جتي رکو خاموش تمنائن جي تڪميل ٿيندي آھي ۽ جتي امنگن کي پيار جو ٻاڻي ملندو آھي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”منور دير ني وٺي آهي.“
”پوءِ هلون؟“
”ها“ شاهده چيو، ”پر اڄ چنڊ ڪونهي!“
”تنهنجي ڪري.“
”منهنجي ڪري! ڇو؟“
”تو ڪان شرم ٿو اچيس.“
”ڪيئن؟“
”تنهنجي سهڻي مکڙي جي روشنيءَ ۾ هن جي روشني بيڪار ٿي بڻجي وڃي.“
هن جي منهن تي لڄ جا ليڪا ابري آيا.
”يلا ڪڏهن نڪرندو!“
”جڏهن تنهنجو مکڙو لال گهونگهٽ ۾ ڍڪيل هوندو!“
۽ هن شرم کان ڪنڌ هيٺ ڪيو. جنهن هن جي ڪنن ۾ شرناڌين جو آواز صاف اچي رهيو هو. جوءَ شرناءِ جي آواز ني منور سان گڏ ٿي، تمام مٺي اڙندي وئي.
.... .... .... ....
آخر جو صبح ٿيو. گهر ۾ شرنائيءَ جو آواز ٿي ڦريو. عزيز جي ماءُ جون اکيون هر هر در ڏي ٿي کڄيون. هوندي ته عزيز به ني ڏينهن اڳ اچڻو هو، پر هاڻي هر ڪڙڪو عزيز تي معلوم ٿيو. گهر ۾ ڪل هئي، پوڪ هٿا، تهڪ هٿا. فقط عزيز ئي وهيل هو.
اوچتو ملڪ ۾ باهه ٻري وئي. پرڏيهي ماڻهن ڏيهي ماڻهن کي ڪيڏو ۽ ڪهڻ شروع ڪيو. ڏاڍيا ماڻڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هٿ ڪنهن جي ڳجهيءَ تائين پهچڻ ٿي پهچن، پسي گولي هن جي پاسرين ڪان داخل ٿي گهاءُ ڪندي وئي. هي ڪريو ۽ فضا ۾ پڙاڏو ٿيو: سورهيه مرين سوي ڪي ته دل جا وهم وسار.

هو وري اٿيو. هن جا ٻئي هٿ مٿي ڪجهائي مس ته هڪ خنجر هن جي ڳچيءَ مان پار ٿي ويو. رت جو فوهارو بلند ٿيو ۽ هڪ انساني جسم ڌڙام سان پٽ تي ڪريو. پوءِ ڪيترا خنجر آيا، گوليون هليون ۽ هن جي سيني تي ڇڻ لکندا ويا:

تنهنجي مٽيءَ منجهه ٻلان جي، آءَ امرتا پائيان.

ڌرتيءَ جي سيني ۾ وري خنجر کپيو. وري رت جي ڌاند ٿي، وري لاش ڦٽڪيا، وري تاريخ جي ورق ۾ واڌارو ٿيو ۽ وري سنڌو ڌرتيءَ ڪسي پنهنجو ٿي رت ڏسڻو پيو.

ٻئي ڏينهن احسان طور لاش مالڪن کي پهچايو ويو. هن جو جسم گولين سان چلهيل هو ۽ ڪا اهڙي جاءِ ڪانه هئي جنهن کي خنجر جو گهاءُ نه هجي. ڇڻ ڪنهن ثواب سمجهي هنڌ هنڌ هٿ سان جهير ڏنا هجن. هڪ هنڌ نه فقط چڪهه هئا. شايد ڪنهن مثل جسم ۾ به ساڙ ڪان پورو پستول ختم ڪيو هو.

.... .... .... ....

صبح جو جنهن گهر ۾ خوشيءَ جو راڄ هو،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هيج هئي، شرناءِ جو آواز هو. وڏا وڏا ٿهڪ هئا، گل پوک هئي، ڪچڪار هئا، ان گهر ۾ ماتم هو. صبح جنهن گهر جون ڀتيون به خوشيءَ وچان مبارڪون ڏيئي رهيون هيون، سي غم ۾ خاموش هيون. ٿهڪن جي جاءِ سڏڪن والاري هئي. سيج بجاءِ جنازي جي ڏولي هئي. گل، جي گهوٽ جي ڳچيءَ ۾ پوتا هئا، زخمن کي ڍڪڻ ۾ ڪم آيا. جو عطر، ڪنهن جي گهونگهٽ کي اڳڙو هو، سو ڪفن لاءِ ڪارائتو ٿيو. جن هٿن تي مينڌي لڳل هئي، سي هٿ هميشه جي نه متجندڙ رت جي ريتي رنگ سان رنگيل هئا. اڄ هو هڪ ماءُ جي گود مان نڪري ٻيءَ ماءُ جي گود ۾ آرامي ٿيڻو هو. هن جي گود، هن جي ڪنوار، ڌرتي ماتا جو سينو بڻي. جنهن کان هن کي ڪو جدا نه ڪري سگهندو، نه ڪري سگهندو، نه ڪري سگهندو. ۽ هن کي اها مٺي لولي ملندي رهندي، جو ڪڏهن ان جي خمار کان اکيون ئي نه ڇنڻ سگهندو.

.... .... ....

”منور“

چپ

”تنهنجي اکين ۾ ڳوڙها!“

چپ

”جواب ڏي منور“

چپ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چنبسر ختم ڪرنا آهن! ڪاهوءَ جي نڙيءَ ۾ خنجر
ٻاڏو آهي!"

"ڏس منور! اڃان تون ٻچ آهين. سونڪي تنهنجي
اکين ۾ ڳوڙهن جي لڙهي صاف ڏسڻ ۾ اچي ٿي. عزيز
ويو، روئيندا ضرور، پر روئڻ روڳ نه ڇٽيندا.
ها ڪا ٿئي ڳالهه ڪانهي. اسان هميشه عزيز وڃايا
آهن. ٿي ڪناهه— اسان جي تلاش ۾...! ڪڏهن سونهن
جي روپ ۾، ڪڏهن هوشو ۽ هيمو جي صورت ۾.
اسان ڇا ڇا نه وڃايو آ. اسان ڇا ڇا نه ڏٺو آ؟ اهو
نه پڇ. آءُ جو سنڌ ڏري پوندو. هن ڌرتيءَ تي اسان
دريا خان هيمو ۽ مارنگ خان کي لوڻيءَ جي سج
ٻچائيندي، ڦٽڪندي ڏٺو ته ڪڏهن مخدوم بلاول کي
گهاڻي ۾ پيڙهجندي ڏٺو. هر دور ۾ سنڌوءَ جو پاڻي رت
سان پربل هوندو آهي ۽ اها رت نيستئون رهندي
جيستائين علاؤالدين، نيپئر ۽ نادر شاهه پيدا ٿيندا رهندا.
"تون چپ ڪر. ستل روئين، هن ڌرتيءَ رت جا
گهڻي زخم ڪاڏا آهن. ڳوڙهن جا زخم نه، ڏکي هي ڪري،
تون چپ رهه، ڪنهن عيسيٰ جي انتظار ۾، ڪنهن
مهديءَ جي آمد تي!
تون ڪر جو تو کي ڪرڻو آ، هي دور نه ٿيڻ ڳرڻو آ.
ڪنهن وقت ڏهسر موٽو آ، موٽي گنڙي ويندو.

— — —

فساد ٻيا وڌندا. پوليس رستن ۽ گهٽين ۾ گشت

۾ ڪڙڪو ٿيو. ”منوز نه هوندو ته هيو ڪير هوندو،
امان ـــ!“

دروازي تي پيهر ٺڪ ٺڪ ٿي. شاهده اٿي ۽ در
جي وٽي۽ مان ڏٺائين. ٻوءِ اڪ پري ڪري پڇيائين
”ڪير آ؟“

”مان آهيان“

”تون ڪير؟“

”بابو پنجابي ـــ“

”ڇو؟“

.... ۽ وري آواز ختم ٿي ويو.

هوءَ ڦري ماءُ ڏانئين مس آئي ته ٻنهان در تي شور
۽ هنگامي جو آواز آيو. ٺوري۽ جهٽ ۾ ميڙ نشان
تيل گهر ۾ گهڙيو ۽ پنهنجو ڪم پورو ڪري هليو ويو.

.... .... ....

ٻاهر هل هو. رڙين ۽ چيخن ۾ تيزي ايندي وئي.
منور پنهنجي گهر ۾ هو جو سندس ڪن تي پرلاءُ پيو.
هو اٿيو ۽ ٻاهر آيو. پري کان هن ڏٺو ـــ ميڙ گهٽي۽
جي موڙ کان مڙي ٻئي پاسي تي ويو. هو ٽڪڙيون ٽڪڙيون
و ڪون ڪٽندو ويو. هنجي الائي ڇو اڪ ٿي ڦرڪي. ڪڏهن
ڪڏهن ڇهين حس به ڪنهن اڻ ڄاتل ڳالهه جو احساس
ڏياريندي آهي. ڪو آخري ماڻهو شاهده جي گهران
هڪ مڪروهه ٽهڪ ڏيندو نڪتو ۽ ميڙ ڏي ٽڪڙو
هليو ويو. ميڙ اڳتي وڌي ويو. منور شاهده جي گهر

۾ ڪھڙيو تہ ڇڻ ڪنھن زهريلي وڇونءَ ڏنگ هڻي ڪڍيس. هن اکيون بند ڪري ڇڏيون. هن ڏسڻ نٿي چاهيو. ڪيس هنيانءَ ۾ وڃي پوڻ لڳا.

شاهده جي ماءُ آرام سان ڪٽ تي سمهي پئي هئي. چوطرف رت وڪريل هئي. هنجي پيٽ ۾ خنجر ائين ڏنبيو پيو هو جيئن ڪو فرمانبردار هٿ، آسمان کي سلامي ڏئي رهيو هجي. ڀر پاسي شاهده جو ننڍڙو ڀاءُ يوسف، اونڌي منهن ليٽيو پيو هو. هن جا آنڊا نڪري فرش تي ٽڙي لڳا. ميڄالو نڪري ڄمي چڪو هوس. شاهده فرش تي ليٽي پئي هئي. چوڌاري رت هئي ڳھاڙي رت. ڇڻ ٻير جو اَلو ڪُوٽر. سڄا ڪپڙا چيھاڙيون ٿيل هيس. هن مٿي نظر ڪئي، هنجي ڇاتيءَ تي ٻہ وڏا زخم هئا، جن مان رت جا ٻہ واهڙ وهي رهيا هئا. رت وهي هيٺ ڌرتيءَ تي ٽپي ڪري ۽ ڌرتي جي مٿي لال ٿيندي ٿي وئي. شاهده جون بيوس اکيون ڦوٽيل هيون. هو وڌيو ۽ شاهده جو ڪنڌ پنهنجي هنج ۾ رکيو. هڪ واري هن اهي ڦوٽيل اکيون پاڻ ڏانھن ڪڇندي محسوس ڪيون.

”شاهده—!“ منور چيو.

”شاهده! اڄ نہ ٻڌائيندينءَ اهو گيت جو تنهنجي چپن تي هوندو هو ”سنڌ جي ڌرتي توتي پنهنجو سيس نوايان....“

”شاهده! تو تم جي وڻ تي سنڌ جو نقشو چٽيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هو نه-“

”شاهده! تون چپ آهين، ڪاوڙ ني. مان اهو ڦشو ڊاهيو هو، اڃا اها ڪاوڙ ني-.“

”شاهده! تو بات ۾ منڌ ناهي هئي ۽ انڪي پاٽي ۾ ڏيندي هئينءَ. مان اها بات ته پڇي ڇڏي هئي.“

”شاهده! هڪ واري تہ مونکي معاف ڪر. مان تنهنجي منٺوءَ کي پٽي ڏيندو رهندس! شاهده، شاهده مان نم ني وري ڦشو چٽيندس!“

”شاهده! ڪجهہ تہ چئو، مونکي معاف ڪر. شاهده، معاف ڪر.“

پر اهي ڪچيل اکيون بند ني ويون ۽ هوءَ ڪنڌ لاڙي پنهجي رهي. جڏهن آخري سلام ڪرڻ لاءِ اهي اکيون کجيون هيون، هن گهڻي منڌ ڪيا، پر اهي منڌ سواءِ هن جي ڪن جي پٺي ڪنهن تني پئا. شاهده جي اکين جڏهن سلام سان گڏ پيغام ڏنو.

رات ڏنو آ پلڪ شهيدن. رت هترڪي ميندي لايس، گوليءَ جي پولسي آ سهرو. ڳاڙي ريتي تند نپايو.

.... .... ....

منور کي پنهنجو وجود رجندو محسوس ٿيو. هو اٿيو ۽ پنهنجي گهر آيو. هن جي ماءُ اکين ۾ وساتيل ڏياتيون کنيون ويٺي هئي. جن ۾ بظاهر ڪا روشني نہ هئي، پر آزادي جي لات هئي. هن جهڪي ڪري ماءُ جي پيرن کي چمي ڏني.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"امان- مون خواب ڏٺو هو."

"تون ڊڄائيندي هئين نه!"

"امان، اڄ ڌرتي ماتا کي رت جي ضرورت آهي نه. تنهنجي رت به اڄ انهي ڀيٽ چڙهڻي آهي."

"امان، اڄ مان ڇرهو ٿيو آهيان نه."

"امان- متان ناپاڪ هٿ تنهنجي رت سان به خوشي جي هولي نه کيڏن...."

"امان مونکي معاف ڪر. سنڌوءَ جي صدقي معاف ڪر. تنهنجي، منهنجي ماءُ اها ڌرتي آهي. ان جي صدقي معاف ڪر."

۽ هڪ گولي سرڙاٽ ڪندي ماڻس جي نڙگهٽ مان پار ٿي وئي "امان!.... معاف ڪجانءِ! اهو آواز ٻڌڻ ٻنهي فضا ۾ تحليل ٿي ويو. نسٽي ۾ گهائل نڙيءَ مان ڇڄ آواز آيو.

'ٻچڙو آءٌ نه ڄوان، مارهو ته وسيان'

'سنڌوءَ جا لال جڏهن نڪرندا آهن ته سڀئي جي جرهي ٿي رجائيندا آهن. تون فڪر نه ڪر امان. تنهنجي ٽيج کي لڄائي سنڌوءَ کي شرمندو نه ڪندس امان. جڏهن تير ايندا آهن ته اسان سينو ڏيال ڪندا آهيون امان.' ڇڄ هن جي قدمن جي ٽڙندڙ ٽاهوندڙ ڇال مان اڀوئي ٻڌڙو ٿي آيو.

۽ پوءِ هو تڪڙيون تڪڙيون وکون کڻندو ٻاهر ميڙ ۾ گم ٿي ويو. تڪاڻا ٿيا، گوليون هليون، ڪهاڙيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لهڪيون، لڇيون ھڻيون. رت جا ڦوهارا نڪتا، جسمن ۾ وڍ پيا، دانهون ٿيون، ڪوڪون آيون، شور متو، قيامت کان اڳ قيامت برپا ٿي وئي.

جڏهن شور بند ٿيو، ميڙ هٽيو ته منور جو لاش، لهوءَ ۾ لال، ڌرتيءَ جي سيني تي سيس نوايو پيو هو. ڌرتيءَ لئين ڪنوار جيئان پنهنجي گود ۾ گهايل گهوٽ کي رت جي ميندي ۾ رنگي ڇڏيو هو.

شام جا پاڇا لڙي رات کي جاءِ ڏيڻ لاءِ ڪم ٽيندا ٿي رهيا. ماحول اداس ٿي ويو. رات جي چال به زخمي پکيءَ جيئان مايوس ۽ زخمي هئي. آسمان به پنهنجا ڳوڙها نه روڪي سگهيو ۽ پوءِ ڌرتيءَ ۽ آسمان جا ڳوڙها وهي فرياد ڪندا رهيا.

پري تمام پري ڪو ڏار ڪريو ۽ ڪيرو پنهنجا پر هٿندو اڏاڻو ۽ ٿورو پري مس ويو ته پٽ تي ڪري پيو ۽ ڌرتيءَ مٿان ھي انساني ڪوس ڏسي، هو به دل نه جهلي سگهيو. ڇو ته هن به انهيءَ ڌرتيءَ جو پاڻي پيتو هو، آن کاڌو هو. پلا ان کان سواءِ هو ڪري به ڇا ٿي سگهيو!

سڄو ميدان رت ۾ رنگيو پيو هو. رت! ڳاڙهي رت، جوان رت، جوشيلي رت.

شام جا پاڇا وڌندا رهيا- وڌندا رهيا.... آسمان کان رات جي چادر هيٺ سرڪندي رهي، سرڪندي رهي....

٥



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشھ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book